روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 03 جنوري 2023ع بمطابق 10 جمادي الثاني 1444هه (قيمت 10 رپيا) شمارو 221

مڪاني چونڊن خلاف اليڪشن ڪميشن ۽ وفاقي سرڪار جي اپيلن تي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊن وارو ڪيس، سنگل بينچ جو فيصلو معطل ڪرڻ جي درخواست رد

هن عدالت جي فيصلي کي سنگل بينچ ڌيان ۾ نه رکيو (اليڪشن ڪميشن جي وڪيل جو موقف) جڏهن اليڪشن ڪميشن ڏانهن اهو معاملو موڪليو ويو ته ڇا ٿيو؟: عدالت

27 هين ڊسمبر تي اليڪشن ڪميشن اليڪشن ملتوي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي چيلينج ناهي ڪيو ويو، 28 ڊسمبر وارو اليڪشن ڪميشن جو فيصلو حتمي آهي: وڪيل

28 هين ڊسمبر تي اليڪشن ڪميشن فيصلو ڪيو ته اسان چونڊون ملتوي ڪري چڪا آهيون، 28 هين ڊسمبر وارو اليڪشن ڪميشن جو آرڊر 27 هين ڊسمبر واري آرڊر تي ٻڌل هو

اڃا قانون ٺهيو ئي ناهي؟ (چيف جسٽس) ايڪٽ ۾ ترميم وارو بل قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان منظور ٿي چڪو آهي، جيڪو صدر صحيح ڪرڻ بنا واپس ڪري ڇڏيو آهي: اليڪشن ڪميشن

19 هين ڊسمبر واري نوٽيفڪيشن چيلينج ناهي ڪيو ويو (ايڊيشنل اٽارني جنرل) پٽيشن ۾ 19 هين ڊسمبر نوٽيفڪيشن چيلينج ڪيو ويو آهي، جيڪي آئيني سوال ان ۾ شامل آهن، ان پاسي ڪير نه اچي رهيو آهي: چيف جسٽس

اسلام آباد (رپورٽ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ وفاقي رڄڌاني ۾ مڪاني چونڊن تي سنگل بينچ جو فيصلو معطل ڪرڻ جي درخواست رد ڪندي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. مڪاني چونڊن خلاف اليڪشن ڪميشن ۽ وفاقي سرڪار جي اپيلن تي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي. اپيلن ۾ سنگل بينچ جو 31 ڊسمبر وارو اسلام آباد ۾ مڪاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

قومي سلامتي ڪميٽي دهشتگردن خلاف آپريشنز جي منظوري ڏئي ڇڏي

قومي سلامتي ڪميٽي پاران هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ کي معاشي بحران مان ڪڍڻ ۽ دهشتگردي کان پاڪ ڪرڻ جو عزم ورجايو آهي

ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ مختلف فيصلن جي منظوري پڻ ڏني وئي آهي، وزيراعظم جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ وزيراعظم، سمورين سروسز جي چيفس، بلاول ڀٽو زرداري، خواجه آصف، اسحاق ڊار، راڻا ثناءُالله سميت ٻين وزيرن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ ملڪ جي معاشي ۽ امن امان جي صورتحال، ٽي ٽي پي جي دهشتگرد ڪاررواين ۽ ملڪ جي مختلف علائقن ۾ حملن سميت پاڪ افغان سرحدي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ٿي

بلوچستان ۽ ڪي پي ۾ دهشتگردي جي واقعن جي حوالي سان آگاهي ڏني وئي جنهن کانپوءِ دهشتگردن خلاف وڏيڪ آپريشن ڪرڻ واري فيصلي منظوري ڏني وئي

معاشي صورتحال تي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار بريفنگ ڏني ۽ گڏيل اجلاس ۾ ڪيل فيصلن جي منظوري ڏني وئي، معاشي پاليسين جي حوالي سان جلد پڌرائي جاري ڪئي ويندي

اسلام آباد (م د) قومي سلامتي ڪميٽي پاران هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ کي معاشي بحران مان ڪڍڻ ۽ دهشتگردي کان پاڪ ڪرڻ جو عزم ورجايو آهي جڏهن ته ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ مختلف فيصلن جي منظوري پڻ ڏني وئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ملڪ جي سياسي ۽ عسڪري قيادت شرڪت ڪئي. اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ميڪسيڪو جيل تي هٿياربندن جو حملو، 14 ڄڻا اجل جو شڪار

واريز جي حملي جي نتيجي ۾ 10 اهلڪارن سميت 4 قيدي اجل جو شڪار ٿي ويا

جيل تي ٿيندڙ حملي بعد 24 قيدي ڀڄي ويا آهن: اسٽيٽ پراسيڪيوٽر

ميڪسيڪو سٽي (م د) ميڪسيڪو جي سرحدي شهر واريز جي جيل تي هٿياربندن جو حملو، نتيجي ۾ 14 ڄڻا قتل ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سون جي قيمتن ۾ وڌو اضافو، قيمتون ٻيهر بلند

نئين سال جي پهرين ڪاروباري ڏينهن ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ وڏي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

سون في تولو 3300 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 87 هزار ٻه سئو رپين جو ٿي ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) نئين سال جي پهرين ڪاروباري ڏينهن ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ وڏي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. سون جو في تولو تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي وومين ڊپارٽمينٽ جي صدر فريال ٽالپر پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ حڪومت جو عورتن لاءِ گلابي ٽيڪسي ۽ وظيفو ڏيڻ جو فيصلو

پيپلز پارٽي عورتن کي خودمختيار بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اسان عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي: فريال ٽالپر

عورتن کي موٽرسائيڪل هلائڻ جي تربيت ڏيڻ بعد انهن لاءِ گلابي ٽئڪسي جو به منصوبو جوڙي رهيا آهيون: پ پ اڳواڻ

سنڌس پارٽي هميشه عورتن کي خودمختيار بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، تعليم حاصل ڪندڙ ڇوڪرين کي وظيفو ڏنو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي وومين ڊپارٽمينٽ جي صدر فريال ٽالپر عورتن لاءِ گلابي ٽيڪسي جي منصوبي جو اعلان ڪيو آهي، اهڙن خيالن جو اظهار فريال ٽالپر آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ پاڪستان بيت المال جي تحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

مونس الاهي جي مبينا فرنٽ مينز خلاف انڪوائري شروع

اڳوڻي وفاقي وزير مونس الاهي جي مبينا فرنٽ مينز پنجاب اسيمبلي جي نائب قاصد قيصر، ارم امين ۽ ارشد اقبال خلاف جاچ شروع ڪري ڇڏي

ٽنهي ڄڻن خلاف انڪوائري جي شروعات سندن اڪائونٽس ۾ شڪي ٽرانزيڪشن جي بنياد تي ڪئي وئي آهي، ارم امين مونس الاهي جي ڪمپني ۾ به ڪم ڪندي آهي

پنجاب اسيمبلي جي نائب قاصد قيصر، ارم امين ۽ ارشد اقبال جي اڪائونٽس مان مونس الاهي ۽ ٻين گهرڀاتين جي اڪائونٽن ۾ پئسا منتقل ٿيا

اسلام آباد (م د) وفاقي جاچ اداري ايف آءِ اي مونس الاهي جي مبينا فرنٽ مينز خلاف انڪوائري شروع ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب ايف آءِ اي مسلم ليگ ق جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير مونس الاهي جي مبينا فرنٽ مينز پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: لياري جي سڃاڻپ رانديون آهن: مرتضيٰ وهاب

ڪي اين آءِ پي جي عملدارن سنڌ حڪومت جي ترجمان کي پروگرام بابت بريفنگ ڏني، سنڌ حڪومت جي ترجمان ترقياتي ڪمن کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي

لياري ۾ جديد اسپورٽس اسٽيڊيم جي اڏاوت سان هتي راندين جي سرگرمين کي وڌيڪ هٿي ملندي ڇو ته لياري ۾ اسپورٽس جو بي پناهه ٽيلنٽ موجود آهي

جنهن مان اسان کي ڀرپور فائدو ڪڻڻو پوندو، هلندڙ هفتي لياري ڪڪري اسپورٽس اسٽيڊيم ۾ باڪسنگ ايرينا جي شروعات ڪئي ويندي: سنڌ حڪومت جو ترجمان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته لياري جي سڃاڻپ رانديون آهن ۽ پيپلز پارٽي جي حڪومت ان سڃاڻپ کي برقرار رکڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ۾ سرگرم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس 11 جنوري بدران 9 جنوري تي طلب

لاهور (م د) پنجاب اسيمبلي جو اجلاس 9 جنوري تي طلب ڪيو ويو آهي. اسيمبلي سيڪريٽريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسرائيل جو دمشق ائيرپورٽ تي ميزائل حملو، 2 شامي فوجين شميت چار ڄڻا اجل جو شڪار

دمشق (م د) اسرائيلي فوج شام جي گادي جي هنڌ دمشق جي ائيرپورٽ تي ميزائل هلائي ڇڏيا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان پرڏيهه مان آيل پاڪستان جو وفد ملاقات ڪندي

معاشي ۽ سياسي بحرانن جون ذميوار وفاقي پارٽيون آهن: قادر مگسي

ملڪ اندر سياسي بحرانن سبب ملڪ اندر غير يقيني واري صورتحال آهي حڪمران جماعتون ۽ اسيمبلي ۾ ويٺل مخالف جماعتون هڪٻئي جون ٽنگون ڇڪڻ ۾ پوريون آهن

هنن کي عوام جو ڪو به فڪر ناهي عوام انتهائي عذاب واري زندگي گذاري رهيو آهي، مهانگائي عروج تي پهچي چڪي آهي عام ماڻهو جو جيئڻ مشڪل بڻجي ويو آهي

حڪمران جماعتون عوام کي ڪو به رليف ناهين ڏئي سگهيون، سنڌ اندر برسات متاثرين جي واهر ۽ ٻيهر بحالي ۾ پ پ پ حڪومت مڪمل ناڪام وئي آهي

حيدرآباد (رپورٽر) ملڪ جي اندر پيدا ٿيل سياسي ۽ معاشي بحرانن جون ذميوار وفاقي پارٽيون آهن جن اقتدار جي حاصلات لاءِ موقعي پرستيون ڪري ملڪ کي نازڪ موڙ تي آڻي بيهاريو آهي اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ ترقي پسند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

گيانچند ايسراڻي پاران تاريخي اڏيرو لال درگاهه جو سروي ڪرڻ جي هدايت

درگاهه اڏيرو لال سنڌ ۾ مذهبي هم آهنگي جي علامت آهي، هڪ ئي احاطي ۾ هندو مسلمان پنهنجي پنهنجي طريقي سان مذهبي عبادت ادا ڪن ٿا

هن ٻه ڏينهن اڳ اڏيرو لال درگاهه جو دورو ڪيو آهي، اقليتي معاملن کاتي جي تحت درگاهه تي مڪمل ڪيل ي ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪيو

تازين برساتن سبب درگاهه جي تاريخي گنبذ ڊهي پيا آهن، جڏهن ته درگاهه جي ڪجهه حصن ۾ ڇت ليڪ ٿيڻ جون شڪايتون به مليون آهن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) اقليتي معاملن کاتي واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي اقليتي معاملن جي کاتي جي انجنيئرنگ ونگ کي هاڻوڪي چوماسي جي برسات سبب اڏيرو لال جي تاريخي درگاهه کي پهتل نقصان جو سروي ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

تڪراري ٽوئيٽ ڪيس ۾ اعظم سواتي جي ضمانت منظور

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ تڪراري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سپريم ڪورٽ ۾ ارشد شريف قتل ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ ارشد شريف قتل ڪيس تي پاڻمرادو ايڪشن بعد اهو ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ ارشد شريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: صوبائي وزير عذرا فضل پيچوهو اجلاس جي صدارت ڪندي

پي ٽي آءِ گورنر سنڌ خلاف صدر کي خط لکي ڇڏيو

ڪامران ٽيسوري وفاقي نمائندي بدران ايم ڪيو ايم جي نمائندي طور ڪم ڪري رهيو آهي: خرم شير زمان

سنڌ جو گورنر پنهنجي آفيس کي مسلسل سياسي سرگرمين لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي: خط جو متن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ خرم شير زمان چيو آهي ته ڪامران ٽيسوري وفاقي نمائندي بدران ايم ڪيو ايم جي نمائندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

انڌير نگري، وڏي وزير جو پروٽوڪول آفيسر به ڦورن کان نه بچيو

صوبائي راڄڌاني ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيمز جون وارداتون ختم نه ٿيون آهن

شام ڇئين وڳي پيش آيو، پوليس موجب متاثرن طفان جوهر آباد ٿاڻي ۾ رپورٽ داخل ڪرائي وئي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي راڄڌاني ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيمز جون وارداتون ختم نه ٿيون آهن. وڏي وزير جي پروٽوڪول آفيسر کي مهمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪليل ڪير صحت لاءِ هاڃيڪار قرار، وڪري تي پابندي جو فيصلو

ڪليل ڪير تي سڄي صوبي ۾ پابندي لڳائي ويندي: پنجاب فوڊ اٿارٽي جو ڊائريڪٽر

لاهور ۾ روڊ، رستن، گهٽين ۽ پاڙن ۾ موجود دڪانن تي به هاڻ پيڪ ٿيل کير وڪرو ڪيو ويندو

لاهور (رپورٽر) پنجاب فوڊ اٿارٽي لاهور ۾ ڪليل کير جي وڪري تي پابندي لڳائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پنجاب فوڊ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل جو چوڻ آهي ته ڪليل کير تي سڄي صوبي ۾ پابندي لڳائي ويندي. پر پهرين مرحلي ۾ لاهور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: تحريڪ انصاف جو اڳواڻ خرم شير زمان پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ ۾ اٽي جو بحران: شهرين جا مظاهرا ۽ ڌرڻا

بليڪ تي اٽو وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون به برقرار آهن

ڄام صاحب ۽ سانگهڙ ۾ اٽي جي کوٽ خلاف شهرين احتجاج

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اٽي جو بحران جاري آهي، جڏهن ته بليڪ تي اٽو وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون به برقرار آهن ڄام صاحب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ وڏي مقدار ۾ چرس اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام

ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ 2 گاڏيون هٿ ڪري ورتيون

ٻن جوابدارن اياز رضا ۽ محمد يونس کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو: پوليس رپورٽ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ايڪسائيز پوليس وڏي مقدار ۾ منشيات ڪراچي اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي ٻن مختلف ڪاروائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ايم ڪيو ايم جا مطالبا پورا ڪري ڇڏيا، خدشا به ختم ڪنداسين: شرجيل ميمڻ

تڪبنديون ڪرڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي ۽ حڪومت پروپوزل تيار ڪندي آهي، ايم ڪيو ايم کي خدشا آهن ته ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين

پي ٽي آءِ وارن بلاول خلاف ڪوڙ ڳالهايو، اسان تحريڪ انصاف جي ڪنهن به ايم اين اي يا ايم پي اي سان رابطو ناهي ڪيو

پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور ۾ سڀ کان وڌيڪ صدارتي آرڊيننس آيا ۽ صدارتي آرڊيننس تڏهن ايندا آهن جڏهن نمبر پورا نه هوندا، پي ٽي آءِ وٽ نمبر به پورا نه هوندا هئا ۽ بل پاس ٿي رهيا هئا

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي ڄاڻ واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جا جائز مطالبا پورا ڪري ڇڏيا ۽ سندن خدشا به ختم ڪنداسين. حيدرآباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي شرجيل ميمڻ جو چوڻ هو ته تڪبنديون ڪرڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي ۽ حڪومت پروپوزل تيار ڪندي آهي جڏهن ته ايم ڪيو ايم جا جيترا به جائز مطالبا هئا سنڌ سرڪار پورا ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

بلوچستان جي اهم شخصيتن اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان بلاول هائوس ۾ ملاقات

ڪراچي: بلوچستان جي اهم شخصيتن اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪري ڇڏي. پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيندڙن ۾ نواب مير نعمت الله زهري، مير سليم خان ڪوسو، مير عارف جان محمد حسني، آغا شڪيل احمد دراني ، مير فائق جمالي ، مير رئوف رند، مير اصغر رند، مير عبيدالله /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: آصف علي زرداري سان مختلف اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

ايم ڪيو ايم به معاهدن کان ڦرڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو

ايم ڪيو ايم جي قيادت خدشا ختم نه ٿيڻ تي وفاقي حڪومت کان ڌار ٿيڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو

جنهن کانپوءِ ن ليگ حرڪت ۾ اچي وئي، حڪومتي اتحادي پارٽين جو وفد اڄ ڪراچي پهچي ويو

اجلاس ۾ ايم ڪيو ايم جو وفد پارٽي اڳواڻ خالد مقبول صديقي جي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪندو: ذريعا

ڪراچي (م د) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) سان تڪ بندين تي واضح ۽ فيصلائتي ڳالهه ٻولهه جو فيصلو ڪيو آهي. ايم ڪيو ايم پاران 15 جنوري تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن کان اڳ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ تڪ بنديون ڪرڻ جي مطالبي تي سياسي ماحول گرم آهي. ايم ڪيو ايم جي قيادت خدشا ختم نه ٿيڻ تي وفاقي حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

طالبان ليڊرشپ رڳو عمران خان جي عزت ڪندي آهي: فواد چوڌري

وفاقي سرڪار خيبرپختونخوا جي وڏي وزير کي قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ناهي ڏني

هاڻي ڪير هن غيرسنجيدا حڪومت سان ڳالهيون ڪندو، طالبان ليڊرشپ رڳو عمران خان جي عزت ڪندي آهي

اليڪشن ڪميشن رڳو اسان جو نه سڄي ملڪ جو مسئلو آهي، معيشت جي بهتري ۽ دهشتگردي جي خاتمي تي اتفاق راءِ ضروري آهي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته وفاقي سرڪار خيبرپختونخوا جي وڏي وزير کي قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ناهي ڏني. پنهنجي هڪ بيان ۾ فواد چوڌري چيو ته هاڻي ڪير هن غيرسنجيدا حڪومت سان ڳالهيون ڪندو. طالبان ليڊرشپ رڳو عمران خان جي عزت ڪندي آهي. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن رڳو اسان جو نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

2023 عالمي معيشت لاءِ خطرناڪ هوندو: آءِ ايم ايف سربراهه

2023 گڏريل سال جي ڀيٽ ۾ ڏکيو ثابت ٿيندو، ايتري قدر ته اهم ترين خطن آمريڪا، يورپ ۽ چين کي به معاشي ڪمزوري کي منهن ڏيڻو پوندو

دنيا جي ٻي وڏي معيشت چين جي ناڻي واڌ 2022 دوران 40 سالن جي دوران پهريون ڀيرو عالمي ناڻي واڌ کان گهٽ رهندي: ڪرسٽالينا جارجيوا

جنهن جو سبب ڪووڊ 19 جي نئين لهر آهي، ايندڙ ڪجهه مهينا چين لاءِ سخت هوندا جنهن جا ناڪاري اثر عالمي معيشت تي به پوندا

نيويارڪ (م د) آءِ ايم ايف سربراهه ڪرسٽالينا جارجيوا موجب 2023 گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ڏکيو ثابت ٿيندو پهرين جنوري تي پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي آءِ ايم ايف سربراهه ڪرسٽالينا جارجيوا تنبيهه ڪئي ته 2023 گذريل سال جي ڀيٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نئين سال جي موقعي تي منظور وساڻ جون عمران خان ۽ نواز شريف بابت دلچسپ اڳڪٿيون

نواز شريف هن سال ئي ڏيهه واپس ايندو، هلندڙ سال عمران خان جو ڪو مستقبل ناهي، هن سال عمران خان تي مصيبتون لامارا ڏيندي رهنديون

ڪيس ڪجهه ادارن ناهيو هو، جيڪي هن وقت ساڻس گڏ نه آهن. پ پ اڳواڻ چيو ته عمران خان جا ساٿي ڪيس ڇڏي ويندا

هلندڙ سال پي ٽي آءِ چيئرمين گرفتار ٿيندو ڪيس سنڌ ۽ بلوچستان جي جيلن ۾ قيد ڏسي رهيو آهيان: صوبائي وزير منظور وساڻ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ منظور وساڻ نئين سال ۾ سياستدانن بابت نيون اڳڪٿيون ڪيون آهن. پاڪستان مسلم ليگ نون جي قائد جي حوالي سان اڳڪٿي ڪندي منظور وساڻ جو چوڻ هو ته نواز شريف هن سال ئي ڏيهه واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ن ليگ پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر خلاف بي اعتمادي رٽ واپس وٺي ڇڏي

اسلام آباد (م د) پاڪستان مسلم ليگ نواز پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان ۽ ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

گوگل تي طريقا ڳولي زال کي قتل ڪندڙ همراهه گرفتار

نئين دهلي (م د) ڀارتي رياست اتر پرديش ۾ پوليس هڪ شخص کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: پاڪستان پيپلزپارٽي جو اڳواڻ منظور وساڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ٽي آءِ اڳواڻ شهباز گل کي گرفتار نه ڪرڻ جو حڪم

قومي ادارن خلاف تڪراري بيان ڏيڻ جي الزام هيٺ سنڌ ۾ شهباز گل خلاف ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن: اڳواڻ جو وڪيل

ڪيسز کي ڪالعدم قرار ڏيڻ واري درخواست تي فيصلو ٿيڻ تائين پوليس کي شهباز گل جي گرفتاري کان روڪيو وڃي

هن جي خلاف لاهور کانپوءِ ڪراچي جي ٽن ٿاڻن تي به ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، هڪ واقعي جو هڪ ئي ڪيس داخل ٿي سگهي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ پوليس کي پي ٽي آءِ اڳواڻ شهباز گل جي گرفتاري ۽ کان روڪي ڇڏيو شهباز گل جي وڪيلن ٻڌڻي دوران چيو ته قومي ادارن خلاف تڪراري بيان ڏيڻ جي الزام هيٺ سنڌ ۾ شهباز گل خلاف ڪيس داخل ڪرايا ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ ۾ پيپلزپارٽي کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ ايس يو پي ۽ جي ڊي اي اتحاد ڪري ورتو

سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي گڏيل جدوجهد ۽ ايندڙ چونڊون جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان وڙهڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي

سنڌ ورهائڻ جي سازش ٿي رهي آهي، سنڌ جو عوام اهڙين سازشن کي ناڪام بڻائي ڇڏيندو: سيد صدرالدين شاهه

جي ڊي اي اڳواڻن سردار رحيم، صدرالدين شاهه ۽ صفدر عباسي پاران اتحاد ۾ شامل ٿيڻ تي ايس يو پي جي آجيان ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ پيپلزپارٽي کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ ايس يو پي ۽ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس اتحاد ڪري ورتو آهي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي گڏيل جدوجهد ۽ ايندڙ چونڊون جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان وڙهڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

بلڙي شاهه ڪريم پرسان سوزوڪي ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر، 5 عورتون فوت

ڏتاواهه اسٽاپ جي ڀرسان درگاهه جيئي شاهه بادشاهه وٽ سوزوڪي ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي سبب جمالي برادري جون پنج عورتون موقعي تي ئي فوت ٿي ويون، مڙهه ڊي ايڇ يو اسپتال منتقل

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ضروري ڪارروائي لاءِ ڪڍائي بلڙي شاهه ڪريم رورل هيلٿ روانو ٿي وئي

حيدرآباد (رپورٽ: شبير جمالي) ٽنڊو محمد خان بلڙي شاهه ڪريم پرسان ڏتاواهه اسٽاپ جي ڀرسان درگاهه جيئي شاهه بادشاهه وٽ سوزوڪي ۽ ٽريڪٽر ٽرالي وچ ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ جمالي برادري جون پنج عورتون موقعي تي ئي فوت ٿي ويون جڏهن ته ٽن زخمي عورتن کي انتهائي ڳنڀير، جوڳي حالت ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ٽنڊو محمد خان نيو ويو. واقعي واري هنڌ موجود ماڻهن پاران ٻڌايو پئي ويو ته فوتي حيدرآباد جي علائقي تارا جيل پرسان ويٺل آهن جيڪي اڄ بلڙي شاهه ڪريم پرسان ويٺل پنهنجي جمالي برادري ۾ وٽ وناواح پڇڻ آيا هئا جڏهن واپس ڳوٺ ڏي وڃي رهيا هئا ته واقعو پيش آيو واضح رهي ته فوتين جي انگ جي خبر فائيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

"اٽو سستو ڪريو" اسلام ڪوٽ ۾ شهري روڊن تي نڪري آيا، ريلي، ڌرڻو، سخت نعريبازي

مهانگائي 5000 هزار روپيه مڻ ٿيڻ خلاف پورهيت طبقو سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي نڪري آيو

ٿر ۾ هڪ طرف ڏڪاري حالتون آهن مزدور طبقو پريشان آهي ٻچن جو پيٽ پالڻ مشڪل بڻيل آهي: اڳواڻ

يوٽيلٽي اسٽورن تي اينڊرائڊ سميت ٻيون شيون من پسندن کي ملڻ پيون، نوٽيس ورتو وڃي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اٽو مهانگو ٿي 5000 هزار روپيه مڻ ٿيڻ خلاف [illegible] طبقو سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي نڪري آيو [illegible] سماجي اڳواڻ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سيوهڻ جو امن امان بحال نه ٿي سگهيو، هڪ نوجوان گوليون هڻي قتل

سيوهڻ(رپورٽ) سيوهڻ شهر جو امن امان بحال نه ٿي سگهيو [illegible] ڪي نامعلوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

اسلام ڪوٽ: شهري اٽو سستو نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ آرٽس فائونڊيشن پاران 70 ٻوڏ متاثر عورتن ۾ گرم شالون تقسيم

آرٽس فائونڊيشن ٻوڏ متاثر ماڻهن جي مدد ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي پئي اچي: مقرر

عورتن ۽ ٻچڙن جي مختلف سرگرمين ذريعي ذهني دٻاءُ کي گهٽ ڪرڻ جو رٿا آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) آرٽس فائونڊيشن پاران [illegible] سهڪار سان 70 ٻوڏ متاثر عورتن ۾ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز پرسان ٽريڪٽر ٽرالي معصوم نينگر مٿان چڙهي وئي

مليائي ۾ معصوم تنوير احمد پٽ سڪندر ملڪ حادثي سبب موقعي تي فوت ٿي ويو

معصوم نينگر جي امڙ کي بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) [illegible] ملڪ محلي ۾ معصوم تنوير احمد پٽ سڪندر [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: فوت ٿي ويل معصوم نينگر

ٺٽي پرسان ملاح برادري جي گهرن تي حملو ڪرڻ جو ڪيس 11 ڄڻن خلاف داخل

ٺٽو(رپورٽر)چار راتيون اڳ ٺٽي ويجهو ڏوماڻي ايسٽ جاگير جي ڳوٺ محمد صديق پنهور ۾ رهندڙ ملاح برادري جي گهرن تي شورا ۽ پٽي برادري جي ماڻهن حملو ڪري ڪيترن ئي عورتن ۽ مردن کي زخمي ڪري ڇڏيو هو پر ٺٽو پوليس پاران سندن ڪيس داخل نه ڪرڻ ٽوڙي حملي آورن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف مسمات نوران زال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز ۾ بدامني وڌي وئي، چورن ڦورن ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا

شهرين جون ننڊون حرام ٿي ويون، نامعلوم چور 6 دڪانن جا تالا ٽوڙي الهه تلهه ٻهاري ويا، پوليس خاموش

واقعي خلاف شهري ۽ دڪاندار سراپا احتجاج بڻيل، 3 ڪلاڪ شهر جو مين روڊ بند، ڪير ون لڙي نه آيو

اسان سان انصاف نه ٿيو ته هڙتال جو سڏ ڏينداسين ڪجهه ٿيو ذميوار ايس ايڇ او هوندو: مظاهرين

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز شهر ۾ [illegible] رات هڪ ڪري ڇڏيا [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروزشهر: رهواسي بدامني خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

مڪلي پرسان تيز رفتار ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ نوجوان فوت، زخمي

ٺٽو(رپورٽر) مڪلي لڳ بائي پاس تي تيز رفتار ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر هڪ نوجوان فوت [illegible] تي فوت ٿي ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊو محمد خان ۾ تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل سوار کي چيپاٽي ڇڏيو

حادثي سبب موٽر سائيڪل سوار 30 ورهين جو چيتن ڪمار ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو

پوليس پهچي مڙهه کي ضروري ڪارروائي پهچايو، ٽرڪ کي ڊرائيور سميت تحويل ۾ ورتو

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان روڊ جي سنيا اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل سوار کي چيپاٽي ڇڏيو، تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل سوار مٿان چڙهي ويئي جنهن جي نيتجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 30 ورهين جو چيتن ڪمار ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو اطلاع تي ڪبور پوليس پهچي مڙهه کي ضروري ڪارروائي لاءِ ٽنڊو محمد خان اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو غلام حيدر ۾ ضلعي انتظاميه سستي اٽي جا اسٽال لڳائي نه سگهي

غريب مسڪين ماڻهو ڪٽڪ جو اٽو 130 روپين ڪان 140 روپين تائين خريد ڪرڻ تي بيوس لاچار ۽ مجبور بڻيل

پنج سئو روپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور طبقو هن مها مهانگائي ۾ وڌيڪ سخت پريشانين ۾ مبتلا ٿيڻ لڳو

غريب طبقي کي سرڪاري اگهه تي سستو اٽو فراهم ڪري سندن خاندانن کي بک مرڻ کان بچايو وڃي: سڄاڻ ڌريون

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽ: ميرحسن رند) تعلقي ٽنڊو غلام حيدر جي ڪنهن به شهر ۾ ڪٿي به ضلعي انتظاميا پاران هن ڳاٽي توڙ مهانگائي ۾ وڌڻ ڪري عوام لاءِ سستي اٽي جو اسٽال نه لڳايو ويو آهي، غريب مسڪين ماڻهو ڪٽڪ جو اٽو 130 روپين ڪان 140 روپين تائين خريد ڪرڻ تي بيوس لاچار ۽ مجبور بڻيل، پنج سئو روپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور طبقو هن مها مهانگائي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

هالا پرسان مٽي جي پيڙ ڪرڻ سان هڪ ئي خاندان جا 3 نوجوان دهجي فوت

مٽياري(رپورٽر) هالا ويجهو ڳوٺ سعيد خان لغاري ۾ افسوس ناڪ واقعو ڪوهه جي کوٽائي دوران اچانڪ مٽي جي پيڙ ڪرڻ سان هڪ ئي خاندان جا 3 نوجوان دهجي فوت ٿي ويا هالا ويجهو ڳوٺ سعيدخان لغاري ۾ کوهه جي کوٽائي دوران پيڙ ڪرڻ سبب 3 پورهيت جنهن ۾ 50 ورهين جي رسول بخش، 22 سالن جي اعجاز لغاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو غلام حيدر: سستي اٽي جا اسٽال نه لڳائڻ خلاف رهوسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ اردو-سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي منعقد

گڏجاڻيءَ ۾ اردو سنڌي ادبي سنگت جا ڪجهه ٻيا عهديدار مقرر ڪيا ويا

عهديدارن ۾ محقق مير حسين علي امام تنظيم جو صدر ۽ ٻيا شامل

ڪراچي(رپورٽر)اردو_سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر رئيس احمد صمداني ڪئي. ان گڏجاڻيءَ ۾ ناليواري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

غوثپور ۾ جميعت علماءَ طاهريه جو ماهوار اجلاس

پيش امامن جي ميمبر شپ فارم کي بحال ڪرڻ لاءِ غور ويچار

گڏجاڻي ۾ تنظيم کي مضبوط بنائڻ لاءِ صلاح مشورا پڻ ڪيا ويا

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) تنگواڻي رڪيو اوڳاهي جي جڳهه ۾ لڳ ڳوٺ علي بخش بجاراڻي ۾ جميعت علماءَ طاهريه ضلعه ڪشمور ايٽ ڪنڊڪوٽ جو ماهور اجلاس تي گذريو جنهن جي صدارت ضلع صدر مولانا محمد عالم اوڳاهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڏاهيجي ايڊمنسٽريٽر پاران مختلف علائقن جو دورو

جلد ڏاهيجي جي بهتر نموني سان صفائي ڪرائي وڃي: عبدالغفور هيجب جاکرو

آئون گندگي خلاف آهيان گندگي جي ڪري ئي مختلف بيماريون جنم وٺن ٿيون

گهارو (بشام جوکيو) ڏاهيجي ايڊمنسٽريٽر گهارو عبدالغفور هيجب جاکرو جو ڏاهيجي جي مختلف علائقن جو دورو ڏاهيجي ايڊمنسٽريٽر گهارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گهارو: ڏاهيجي ايڊمنسٽريٽر مختلف علائقن جو دورو ڪندي

ٽنڊوباگو پرسان بريڪ آئيل پيئڻ سبب فوت ٿيل نوجوان وارو مامرو ڳجهارت بڻيل

نوجوان چيتو ربيري جي وارثن پاران پوليس وٽ ڪا به رپورٽ داخل نه ڪرائي وئي

اسان انڪوائري ڪنداسين ته نوجوان پاڻ بريڪ آئيل پي خودڪشي ڪئي؟ پوليس

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ اوڪو ڪرلهي جي مبينا طور تي بريڪ آئيل پيئڻ ڪري فوت ٿيل نوجوان چيتو ربيري جي فوت ٿيڻ وارو واقعو ڳجهارت بڻيل وارثن پاران پوليس وٽ ڪا به رپورٽ داخل نه ڪرائي وئي آهي. جڏهن ته شهر ۾ نوجوان کي پنهنجي دوستن پاران بريڪ آئيل پيارڻ جون ڳالهيون گشت ڪري رهيون آهن رابطو ڪرڻ تي ٽنڊوباگو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

گمبٽ پرسان ڳوٺاڻن پاران پوليس جي مبينه ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ غوث بخش جامڙو جي رهواسين پوليس جي مبينه ناجائزين خلاف ڳوٺاڻن ميرخان جامڙو مور جامڙو ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس اٺالن بلاجواز چڙهائي ڪري گهرن ۾ ڀڃ ڊاهه ڪري ٻه گهر ميرخان جامڙو ۽ پناه جامڙو جا گهر ڊاهي ڪري ڇڏيا آهن: مظاهرين

اسان پيرسائين پاڳاري جا مريد آهيون جنهن ڪري اسان کي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي: مطالبو

گمبٽ(رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ لڳ ڳوٺ غوث بخش جامڙو واسين جو پوليس جي مبينه ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو خبر موجب گمبٽ لڳ ڳوٺ غوث بخش جامڙو جي رهواسين پوليس جي مبينه ناجائزين خلاف ڳوٺاڻن ميرخان جامڙو مور جامڙو امداد علي جامڙو نياز علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته ڳزريل ڏينهن ڪنب پوليس ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خوراڪ کاتي سکر جي ملازمن پاران ورڪ يونين فود گرين گودام جي سڏ تي احتجاج

سکر: خوراڪ کاتي سکر جي ملازمن پاران ورڪ يونين فود گرين گودام جي سڏ تي سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاج جي اڳواڻي نياز احمد قاضي، مولانا عارف شيخ، عبدالجبار قاضي، تبڪ محمد ميراڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. مظاهرين نعريبازي ڪندي چيو ته خوراڪ کاتي سنڌ ۾ ننڍي ملازمن چوڪيدار، پٽيوالي،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گمبٽ: ڳوٺاڻا پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

اڄ ملڪ وڏي سياسي ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي: ڊاڪٽر حسين محي الدين قادري

ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ سياسي استحڪام ۽ لانگ ٽرم منصوبن سان گڏ شارٽ ٽرم منصوبن تي توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي

سياسي استحڪام کان بغير معاشي استحڪام ناممڪن آهي، رياست ۽ سياست کي جدا ڪرڻ سان ئي ملڪ جي بقا آهي

قائد تحريڪ ڊاڪٽر محمد طاهرالقادري قوم ۾ بيداري مهم سان گڏ ملڪ کي درپيش مسئلن جو حل به پيش ڪيو آهي

شهدادڪوٽ(ڊ ر)معروف اڪنامسٽ ۽ منهاج القرآن انٽرنيشنل جي مرڪزي صدر پروفيسر ڊاڪٽر حسين محي الدين قادري چيو آهي ته اڄ ملڪ وڏي سياسي ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي جڏهن ته ان حالتن جي ابتري ۾ سياسي عدم استحڪام جو نمايان ڪردار آهي، سياسي استحڪام کان بغير معاشي استحڪام ناممڪن آهي،ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ سياسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوابشاهه ۾ مبينه پيسن جي ڏيتي ليتي تان قتل ٿيل شخص جي قبر ڪشائي

قبر ڪشائي ميجسٽريٽ امداد علي ڪيريو جي سربراهي ۾ ڊاڪٽرن جي ٽيم ۽ پوليس سان گڏ ڪئي

ايس پي امير سعود مگسي جي هدايتن تي جرابدار نواز ڪلهوڙو ۽ سندس پاءُ کي پڻ گرفتار ڪيو ويو

نواب شاهه(رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ڪجهه هفتا اڳ ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد حاجي نصير قبرستان پرسان مبينه پيسن جي ڏيتي ليتي تان قتل ڪري دفن شخص جي قبر ڪشائي ميجسٽريٽ امداد علي ڪيريو جي سربراهي ۾ ڊاڪٽرن جي ٽيم ۽/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊوباگو تعلقي جي ڪنهن به شهر ۾ انتظاميا پاران سستي اٽي جو اسٽال نه لڳو

غريب ماڻهو ڪٽڪ جو اٽو 120 روپين ڪان 140 روپين تائين خريد ڪرڻ تي مجبور بڻيل

پنج سئو روپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور طبقو سخت پريشاني ۾ مبتلا، انتظاميه ڪا به واهر نه ڪئي

سستي اٽي جا اسٽال لڳائي غريب طبقي کي سرڪاري اگهه تي سستو اٽو فراهم ڪيو وڃي: اڳواڻ

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊوباگو تعلقي جي ڪنهن به شهر ۾ انتظاميا پاران سستي اٽي جو اسٽال نه لڳو، غريب ماڻهو ڪٽڪ جو اٽو 120 روپين ڪان 140 روپين تائين خريد ڪرڻ تي مجبور، پنج سئو روپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور طبقو سخت پريشاني ۾ مبتلا رپورٽ موجب ٽنڊوباگو تعلقي جي مختلف شهرن ٽنڊوباگو، پنگريو، خليفو قاسم، ملڪاڻي، سانگي ڦرهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ناروشاهه ٽائون ڪاميٽي جي ملازمن پاران پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج، ڪم ڇڏ هڙتال

صفائي عملي جي صدر حاڪم شيخ الهڏنو شيخ يوسف جاويد شيخ ۽ ٻين ڪيترن ئي ملازمن احتجاج ڪيو

اسانکي ٽن مهينن کان پگهارون نه ملي رهيو آهن جنهن سبب پريشان آهيون، گهرن ۾ فاقه ڪشي آهي: مظاهرين

جيسين تائين پگهارون نه ملنديون يا ن جائز مطالبا منظور نه ٿيندا تيسين تائين احتجاج جاري رهندو: چتاءُ

ناروشاهه(رپورٽر) ناروشاهه ٽائون ڪاميٽي جي صفائي عملي جي ملازمن جو پگهارون نه ملڻ ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪم ڇڏ هڙتال، صفائي عملي جي صدر حاڪم شيخ الهڏنو شيخ يوسف جاويد شيخ ۽ ٻين چيو ته اسانکي ٽن مهينن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر بئراج ۽ ڪئنالن جي ساليانه صفائي کان پهريان ئي درياهه ۾ پاڻي ۾ لاٽ

سکر: سکر بئراج ۽ ڪئنالن جي ساليانه صفائي کان پهريان ئي درياهه ۾ پاڻي ۾ لاٽ، شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ، خبرموجب سکر بئراج ۽ ان مان نڪرندڙ دادو ڪئنال، ڪيرٿر ڪئنال، رائيس ڪئنال، خيرپور فيڊر ايسٽ ڪئنال، خيرپور فيڊر ويسٽ ڪئنال، نارا ڪئنال جي ساليانه صفائي سبب بئراج ۽ ڪئنالن جا گيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ناروشاهه: ٽائون ڪاميٽي جا ملازمن پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو پوليس هيڊ ڪوارٽر سامهون گهر تي هٿياربندن جو مبينا حملو

گهر تي حملي دوران گهر ڌياڻي پروين رند معجزاتي طور بچي وئي، انصاف جي گهر

ڌاڙيلن پئي ڪيان ته ڌمڪيون ملن پيون پر سيڪيورٽي نه ملي رهي آهي: پروين رند

دادو(ن سنڌيار) دادو جي پوليس هيڊ ڪوارٽر سامهون پروين رندجي گهر تي هٿياربندن جو مبينا حملو معجزاتي طور تي محفوظ پريس ڪلب آڏو احتجاج پروين رند علي نوازرند ميڊيا کي ٻڌايو سيڪيورٽي لاءِ ايس ايس پي آفيس وڃڻ لاءِ گهران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو: پوليس هيڊ ڪوارٽر سامهون گهر تي هٿياربندن جو مبينا حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مانجهند ۾ بدامني ۽ منشيات جي آزار خلاف شٽربند هڙتال، ڌرڻو، نعريبازي

ايس يو پي يو سي لاڪا جي سڏ تي سوين ڪارڪنن شهرين مڪمل شٽربند هڙتال ڪرائي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

روزانو چورين جي آزار سبب رهواسي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن چور بنا خوف شهرين جو مال لٽي رهيا آهن: اڳواڻ

ڌوهارين ذريعي شريف شهرين جون چوريون ڪرائي زبردستي سياسي وفاداريون تبديل ڪيون پيون وڃن، نوٽيس ورتو وڃي: مطالبو

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ٿاڻي جي حد لاڪا شهر ۾ بدامني ۽ منشيات جي آزار خلاف ايس يو پي جي سڏ تي شٽربند هڙتال ڌرڻو نعريبازي تفصيل موجب مانجهند ٿاڻي جي حد لاڪا شهر ۾ بدامني ۽ منشيات جي سرعام وڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر موٽر ورڪس جي چونڊيل عهديدارن ذميواريون سنڀالي ورتيون

سکر: سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن جي چونڊن ڪانپو، چونڊيل عهديدارن پنهنجون ذميواريون سنڀالي ورتيون آهن. سنڌ هاءِ ڪورٽ سکربئنچ پاران 28 ڊسمبر تي ايسوسيئيشن جون چونڊون ڪرائڻ واري حڪم بعد ٿيل چونڊن ۾ صدارتي اميدوار تاج محمد شيخ، نائب صدر اڪرم مغل، جنرل سيڪريٽري آصف ڪوڪر پنهنجي عهدن جي چارج وٺي ڇڏي آهي.

مانجهند: بدامني ۽ منشيات جي آزار خلاف شٽربند هڙتال، ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ٽنڊو محمد خان معروف سماجي اڳواڻ جي سڏ تي مڇ ميڙاڪو

ڳوٺ حاجي هوت چانهيو بلڙي شاهه ڪريم ۾ سنڌ جي اندلئي رنگن تي مشتمل مڇ ميڙاڪو ٿيو

ڳوٺ ڏٽين وڏيرو محمد چانهيو احمد چانهيو اعجاز علي چانهيو غلام رسول چانهيو ۽ ٻين جي شرڪت

مڇ ڪچهري اندر صوفياڻا ڪلام، ڏور بيت، ڳجهارتن،ڏيٺ،شاعري توڙي راڳ جا شاهڪار نظارا ڏسڻ لاءِ مليا

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي)ٽنڊو محمد خان معروف سماجي اڳواڻ عبدالستار چانهيو جي سڏ تي ڳوٺ حاجي هوت چانهيو بلڙي شاهه ڪريم ۾ سنڌ جي اندلئي رنگن تي مشتمل مڇ ميڙاڪو ڳوٺ ڏٽين وڏيرو محمد چانهيو احمد چانهيو اعجاز علي چانهيو غلام رسول چانهيو محمد قاسم چانهيو انور چانهيو اڪبر علي چانهيو جي ميزباني هيٺ ٿي گذريو ضلعي ٽنڊو محمد خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شهدادڪوٽ ۾ رائيس ملز مزدورن جو مل مالڪن پاران اجرت نه وڌائڻ خلاف گڏجاڻي

ليبريونين جي صدر گلاب خان بلوچ، گل جان پندراڻي، غلام نبي بروهي ۽ ٻين جي شرڪت

مزدورن کي سرڪار پاران مقرر پگهار ڏئي مزدور ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ رائيس ملز مزدورن جو مل مالڪن پاران اجرت نه وڌائڻ خلاف گڏجاڻي ڪوٺائي اجرت وڌائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو رائيس ملز ليبر يونين جو ليبر يونين جي صدر گلاب خان بلوچ، گل جان پندراڻي، غلام نبي بروهي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي پرسان مختلف ڳوٺن ۾ مڪمل ٿيل سيورج سسٽم جي خوشي ۾ تقريب

تقريب ۾ پ پ يوٿ ڪراچي جي ڊويزن صدر راشد خاصخيلي.تان محمد وساڻ.بادشاهه چانڊيو ۽ ٻين جي شرڪت

پ پ هميشه سنڌي وسندين کي پڪو ڪري انهن کي ليزڏئي بنيادي مئسلا حل ڪيا آهن: چيئرمين فياض احمد سومرو

اينڊڙ بلدياتي اليڪشن ۾ شاهه نواز شر ڳوٺ مان پاڪستان پيپلزپارٽي ليڊ سان ڪامياب ٿيندي: تقريب کي خطاب

ڪراچي(پورٽر) شاهنواز شر ڳوٺ ۾ ڪامريڊ شبير احمد راڄپر ۽ علي ڏنو ٽالپوري جي جدوجهد سان مڪمل ٿيل سيورج سسٽم جي خوشي ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ پ پ يوٿ ڪراچي جي ڊويزن صدر راشد خاصخيلي.تان محمد وساڻ . بادشاهه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪمالديرو پرسان چانڊيا _ ڪلهوڙا تڪرار تيز، هڪ پوليس اهلڪار شهيد

رائيڪيٽ لانچر گاڏي کي لڳڻ سبب هڪ پوليس اهل ڪار مهر مشهوري شهيد ٿي ويو

علائقي ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جاري، ٽن مهينن کان ٻار اسڪول نه وڃي سگهيا

علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڇانيل، آسپاس جا رهواسي گهرن تائين محدود ٿي ويا

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڪمالديرو پرسان پي ايس پاڳوديرو جي حد ۾ ڪلهوڙا ۽ چانڊيا برادري جو جهيڙو تيز ٿي ويو هلندڙ فائيرنگ ۾ پوليس اهلڪار بختر بند گاڏي جو ڊرائيور ميهر مشهوري گوليون لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو ٻڌايو پيو وڃي ته شهيد اهلڪار جو خيرپور ضلع سان تعلق آهي لاش واقعي واري هنڌ کان پوسٽ مارٽم لاءِ ڪنڊيارو سول اسپتال نيو ويو ياد رهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين ۾ گهرن چڙهائي وارو مامرو، ضلعي ڪائونسلر اميدوار عبداللطيف بروهي واپس پ پ ۾ شامل

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پ پ پارٽي جي ضلعي ڪائونسلر جي اميدوار يوسي منو خان چانڊيو عبداللطيف بروهي پاران ڳوٺ عبدالقادر بروهي تي پوليس چڙهائي واري معاملي تان ناراض ٿي پنهنجي برادري ۽ پنهنجي راڄ ڀاڳ سميت پ پ کان ناراض ٿي استيعفا ڏيڻ بعد پ پ جي اعلا قيادت تائين معاملي جو پهچڻ ۽ قيادت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهرو فيروز: شهيد پوليس اهلڪار جنازي نماز پڙهي پئي وڃي

نوشهروفيروز ۾ پوليس فيسليٽيشن سينٽر قائم

سينٽر تي ڪليئرنس، ڪئريڪٽر سرٽيفڪيٽ، گم ٿيل دستاويز رپورٽون ملنديون

ٽئين سال جي موقعي تي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي پئي وڃي: ترجمان

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد رينج پوليس محمد يونس چانڊيو ۽ سندس حڪمن جي روشنيءَ ۾ پوليس فيسليٽيشن سينٽر قائم ڪيو ويو. جتي شهيد بينظير آباد رينج ۽ ضلعي شهيد بينظير آباد جي ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو پريس ڪلب جي ميمبر حبدار علي ٻبر جي سالگرهه تقريب

تقريب ۾ پريس ڪلب جي صدر صابر علي پند ۽ ٻين دوستن پڻ شرڪت ڪئي

هن ٿوري عرصي ۾ قلم ذريعي ٻرندڙ مسئلن کي ايوانن تائين پهچايو آهي: مقرر

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو پريس ڪلب جي ميمبر حبدار علي ٻبر جي سالگرهه تقريب دادو پريس ڪلب ۾ ٿي گذري، سالگرهه تقريب ۾ دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پند، سينيئر صحافي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل ضلعي دادوجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو: پريس ڪلب جي ميمبر حبدار علي ٻبر جي سالگرهه تقريب جو ڏيک

نوابشاهه ۾ جسقم پاران پهرين جنوري تي جشن جي ايم سيد ملهايو ويو

پروگرام جي تقريب جي صدارت جسقم جي جهوني اڳواڻ خادم السنڌ سرفراز ميمڻ ڪئي

پروگرام ۾ رياست ۽ مظلوم قومون عنوان تي ليڪچر جسقم اڳواڻ علي رضا خاصخيلي ڪيو

قومي ڪارڪنن سياسي، نظرياتي پختگتي لاءِ اهڙا پروگرام ڪرائڻ وقت جي ضرورت آهي: مقرر

نواب شاهه(رپورٽ اي ڪي ڏاهري) جسقم نوابشاهه پاران ننڍي ڪند جي وڏي مدبر جديد قومپرستي جي باني سائين جي ايم سيد جي جنوري ۾ سالگرهه واري مهيني ۾ پهرين جنوري تي جشن جي ايم سيد ملهايو ويو پروگرام جي تقريب جي صدارت جسقم جي جهوني اڳواڻ خادم السنڌ سرفراز ميمڻ ڪئي پروگرام ۾ رياست ۽ مظلوم قومون عنوان تي ليڪچر جسقم اڳواڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پيپلزپارٽي هميشه ميڊيا جي آزادي جي ڳالهه ڪئي آهي: ذوالفقار ڪماريو

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) پيپلزپارٽي هميشه ميڊيا جي آزادي جي ڳالهه ڪئي آهي،شڪارپور جي صحافين هر اشو کي بهتر نموني رپورٽ ڪيو آهي،اينڊڙ چونڊن ۾ پ پ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي،پ پ اڳواڻ ذوالفقار ڪماريو جون شڪارپور پريس ڪلب ۾ ڳالهيون، مختلف ڌرين پاران نون چونڊيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوابشاهه: جسقم پاران جي ايم سيد جي حوالي سان تقريب منعقد

سکر پوليس جا مقابلا، 2 ڌوهاري گرفتار، گوڏي هيٺان گوليون هڻڻ جو رڪارڊ برقرار

اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ 2 جدا جدا مبينا مقابلا ڄاڻايا ويا

ٿاڻي جي حد واري ٽڙ ريلوي ڪوارٽر پرسان ڌوهارين مقابلو ٿيو آهي: اي سيڪشن پوليس

ٻنهي مقابلن دوران سندن 2_2 ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا آهن: ڳالهيون

سکر(رپورٽر) سکر پوليس پاران سکر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ 2 جدا جدا مبينا مقابلا ڄاڻايا ويا آهن. ٻنهي مقابلن ۾ ٻن ڌوهارين کي گوڏي هيٺان گولي هڻڻ وارو رڪارڊ برقرار آهي. ان ڏس ۾ سکر پوليس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته اي سيڪشن ٿاڻي جي حد واري ٽڙ ريلوي ڪوارٽر پرسان ڌوهارين مقابلو ٿيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوابشاهه پرسان مفت ميڊيڪل ۽ اکين جي علاج واري ڪئمپ جو افتتاح

ڏکايل انسانيت جي خدمت لاءِ وس وارن ماڻهن ۽ ادارن کي اڳتي اچڻ گهرجي: ڊپٽي ڪمشنر

ڪين گهرجي ته پٺتي پيل علائقن ۾ صحت جون سهولتون پهچائڻ لاءِ مفت طبي ڪئمپون لڳائن

اکين جي علاج ۽ طبي ڪئمپ لڳائڻ هڪ بهترين عمل آهي، اهڙي ڪئمپن سان عوام کي رليف ملندو

نوابشاهه(رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ اڄ نوابشاهه پرسان ڳوٺ نيازي خان سيال ۾ احساس انسانيت ويلفيئر سروس ڪراچي ۽ روٽري ڪلب نوابشاهه جي تعاون سان لڳايل هڪ ڏينهن واري مفت ميڊيڪل ۽ ٻن ڏينهن واري مفت اکين جي علاج جي ڪئمپ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي موجود ماڻهن سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 03 جنوري 2023ع

دهشتگردي ۽ معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اتفاق راءِ

ڪو به ملڪ يا خطو تيستائين اڳتي نه ٿو وڌي سگهي جيستائين اتي سياسي عدم استحڪام موجود آهي يا وري دهشتگردي جي ور چڙهيل آهي. تنهن ڪري هن وقت دنيا ۾ جيڪي به ملڪ ترقي ڪري اڳتي وڌيا آهن انهن پنهنجي ملڪ ۾ سياسي يا نظام جي تسلسل کي برقرار رکيو آهي ۽ پنهنجون پوريون توانائيون امن امان قائم ڪرڻ تي خرچ ڪيون جنهن ڪانپوءِ اهي ملڪ ۽ عام ماڻهن جي مسئلن تي ڌيان ڏئي حل ڪرڻ جي پوزيشن ۾ پهتا. ملڪ کي جيڪي هن وقت به وڏا مسئلا درپيش آهن انهن مان هڪ معاشي مسئلو آهي ۽ ٻيو دهشتگردي جي وڌندڙ لهر آهي جيڪي ملڪ جي مستقبل تي اثر انداز ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن انهن ٻنهي مسئلن کي حل ڪرڻو آهي ته وقت تي ڪا حڪمت عملي يا درست فيصلا ڪرڻ سان گڏ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ به انتهائي ضروري آهي. ملڪ ۾ ڪيتري وقت کان وٺي سياسي استحڪام ۽ اتفاق راءِ نه هجڻ سبب معاشي مسئلا ته ڪر کڻي رهيا آهن پر هاڻي ته دهشتگردي جي لهر به شروع ٿي چڪي آهي جنهن ۾ قيمتي جانيون ضايع ٿي رهيون آهن ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري لاءِ ماحول خراب ٿي رهيو آهي.

ملڪ جي معاشي حالت ۽ دهشتگردي جي وڌندڙ لهر تي هر ڌر پنهنجي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. حڪومت چاهي ٿي ته مخالف ڌر سياسي مسئلن کي پاسي تي رکي معاشي مسئلن ۽ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏجي ويهي جڏهن ته مخالف ڌر وري انهن مسئلن جو حل نين عام چونڊن کي سمجهي ٿي جنهن ڪري ٻنهي ڌرين ۾ ڪو اتفاق نه ٿو ٿئي. اسٽيبلشمينٽ ڪجهه وقت کان پاڻ کي غير سياسي قرار ڏئي ان ڳالهه تي رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي پر معاشي مسئلن ۽ دهشتگردي جي وڌندڙ لهر کان ته اها پاڻ کي پري نه ٿي ڪري سگهي تنهن ڪري انهي کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي راءِ رکي ٿي. ٻه ڏينهن اڳ...

ساڻَ صِحتَ سُپرِينِ، آهي نــ آزارُ؛
مـجـلـسَ وِيرَ مِـنو ٿـئي، ڪـوڙِيـنـدي ڦـهـارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٿي، جنهن سين ٿئي يارُ؛

انساني ارتقا ۾ باهه جو ڪردار

پتامبر لوهاڻو

اسان جي وڏڙن جون جيل پراڻيون ڳالهيون ۽ ڏند ڪٿائون ڪافي اهم آهن. اهي اسان کي ماضي جي شعور جا اهڃاڻ ڏين ٿيون ۽ پراڻن لڪيل رازن تان پڙدو کڻن ٿيون. شايد اهو ئي سبب هو جو فرائيڊ پنهنجي نفسياتي تجزئي جو بنياد انهن تي رکيو هو هُن پنهنجي سڀني اهم تجزين جا نالا يوناني ڏند ڪٿائن جي ڪردارن مان ورتا هئا. مثال طور نارسس ازم ۽ ايڊيپس ڪمپليڪس وغيره. فرائيڊ جي شاگرد ڪارل ينگ پنهنجي نفسيات جي ٿيورين کي لکين سال پراڻي ڳالهين سان جوڙيو هو. هُن گڏيل شعور جو تصور ڏنو هو جيڪو هُن جي خيال ۾ ڏند ڪٿائن، موسيقي، مجسمن، پينٽنگس وغيره مان اڄ جي ٿو.

اهڙي ئي هڪڙي يوناني ڏند ڪٿا پروميٿيس جي آهي جنهن تي الزام هو ته هُن جنت مان باهه چورائي ماڻهن کي ڏني هئي. بيشڪ اسان جي ارتقا ۾ باهه جي وڏي اهميت آهي. قديم مذهب ان خيال جي تصديق ڪن ٿا. ايراني زرتشتي مذهب ۾ باهه کي مقدس سمجهيو ويندو آهي. سنڌي هندو پنهنجي پوڄا پاٺ باهه کان سواءِ نه ڪندا آهن. انهن وٽ شادي جي رسم ان وقت تائين مقدس نه آهي جيسين تائين گهوٽ ۽ ڪنوار اگني ديوتا کي گواهه نه بڻائين ۽ ان جي چوگرد ڦيرا نه ڪرن. هو پنهنجن پيارن کي ديهانت کان پوءِ باهه ۾ ساڙيندا آهن. باهه جي اهميت رڳو سنڌي هندن يا ايراني زرتشين وٽ ڪونهي پر دنيا جي ڪافي خطن ۾ ان کي مقدس سمجهيو ويندو آهي. هندو فلسفي ۾ باهه جي ديوي جو نالو اگني آهي. يوناني فلسفي ۾ باهه جي ديوي کي هيسٽيا چوندا آهن. لاطيني آمريڪا جا قديم ماڻهو باهه جي ديوي کي شانٽيڪو جي نالي سان ياد ڪندا آهن.

پروميٿيس قديم يوناني خدائن مان هڪ هو جنهن پنهنجي وڏي خدا زيوس جي اجازت جي بغير جنت مان باهه چورائي انسانن کي ڏني هئي. ان حرڪت زيوس کي سخت ناراض ڪيو هو هن جي حڪم تي پروميٿيس کي وڏي پهاڙ سان ٻڌي ٻاز کي حڪم ڪيو ويو هو ته هن جو جگر کائي. هو...

دهشتگردي جي واقعن ۾ اوچتو واڌ، عوام لاءِ هڪ ٻيو عذاب

سيد زوار حسين شاهه

جيڪڏهن پاڪستان جي ماضي جي صورت حال تي نظر وجهنداسين ته نائين اليون کان پوءِ پاڪستان پرائي جنگ ۾ ٽپو ڏيئي انهن جي جنگ ۾ شامل ٿي ايترين ته پاڪستاني قيمتي جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن جو رب پاڪ خير ڪري. برحال هن وقت به ملڪ جڏهن معيشت تباهه ٿي آهي. جڏهن ملڪ اندر انتشار جهڙي خطرناڪ صورت حال اڳيان آهي. جڏهن ته پاڪستان جون تمام سياسي پارٽيون هڪ ٻئي کي جهڪائڻ جي ڪوشش ۾ آهي. جتي استحڪام نه هجي، جتي محبت نه هجي پوءِ اتي اين ئي ٿيندو رهندو آهي جيئن هاڻ ٿي رهي آهي. جڏهن ته ڪجهه هفتن ۾ هڪ درجن کان هڪ به گهٽ خودڪش ڌماڪا يا بم ڌماڪا ٿي چڪا آهن سدائين جيان هاڻ به انهن ڌماڪن جو رخ بلوچستان مٿان ٿئي آهي. جڏهن ته سدائين جيان هاڻ به انهن دهشتگردن جو ٽارگيٽ بلوچستان ڪوئيٽا ٿئي آهي. برحال ملڪ جي صورت حال مان سمجهان ٿو ته خطرناڪ ٿيندي پئي وڃي. ان سان گڏ گونرس سنڌ ڪامران ٽسوري جي مداخلت بعد اڳوڻي ايم ڪيو ايم...

مٿان خاص ٻاجهه وجهي ڪجيڪڏهن اهڙ به اسان اکيون بند ڪيو ۽ خاموش ٿي چپ رهياسين ته پوءِ جيئن خاص پاڪستان پيپلزپارٽي کان ٻيا صوبا هليا ويا آهن ائين سنڌ صوبو به انهن جي هٿ مان نڪري ويندو. بدقسمتي سان اسان 76 سال گذرڻ باوجود دوست سڃڻ کي سڃاڻي ناهيون سگهيا بي حدن افسوس پيو ٿئي بس مالڪ رحم فرماءِ حاليه ملڪ اندر دهشتگردي جي حملن بعد وري اها به اميد جاڳي آهي ته بيان بازي صدر آصف علي زرداري قوم کي نئين سال جو واڌايون ڏيندي چيو آهي مون کي يقين آهي ته ايندڙ سال ملڪ جي ترقي ۽ قوم جي خوشحالي جو سال هوندو. پنهنجي پيغام ۾ آصف علي زرداري چيو ته پاڪستاني عوام وڏين تڪليفن کي منهن ڏنو، ڪورونا ۽ ان ڪانپوءِ ٻوڏ وڏو نقصان پهچايو. برسات ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي پهرين ترجيح آهي، متاثرن جي مُنهن تي مُرڪون موٽائڻ اسان جو مشن آهي. هن چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري انتهائي مختصر وقت ۾ عالمي دنيا ۾ پاڪستان جي ساک قائم ڪئي آهي. عالمي...

11 رپيا به خرچ نه ڪيا. مراد علي شاهه چيو ته ڪلاشنڪوف ۽ منشيات جي ڪلچر کان اڳ ڪراچي ماڊل شهر هو. پ پ ورڪر ڪراچي کي تبديل ڪندا. ڪراچي کي ڪو دهشتگرد بند نٿو ڪري سگهي. هاڻ ڪراچي کي بند ٿيڻ نه ڏينداسين. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ حق حڪمراني صرف پيپلزپارٽي رکي ٿي. ڪراچي شهر هاڻي پيپلز پارٽي جي حوالي ڪيو ويو آهي ۽ اها پارٽي شهر جو انتظام سنڀالي رهي آهي. ڪراچي شهر ۽ ورڪر سڀ بلاول ڀٽو زرداري جي حوالي آهيون. بلاول صاحب جو اباڻو شهر لاڙڪاڻو آهي پر پيدائش ڪراچي جي آهي. چيئرمين صاحب ڪراچي جي مالڪي ڪري رهيو آهي. وڏي وزير چيو ته پ پ چيئرمين جي هدايت تي شهر ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن. اسان هن شهر کي ترقي، روزگار، تعليم، ثقافتي ۽ صنعتي ترقي ڏئي رهيا آهيون. وڏي وزير چيو ته پيپلز پارٽي 2008ع کان ڪراچي ۾ محنت ۽ سچائي سان ڪم ڪري رهي آهي. 2008ع ۾ دهشتگردي عروج تي هئي. زبردستي شهر بند ڪرايو ويندو...

بقايا سنڌيار 01

پاران ريلي ڪڍي ٽائون موڙ وٽ ڊرٽو روڊ بلاڪ ڪري سخت نعريبازي ڪئي ويٺي ڌرڻي سبب روڊ بند ٿي ويو جنهن بعد پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري مظاهرين سخت نعريبازي ڪئي.انهي موقعي تي اڳواڻن چيو ته ٽرو هڪ طرف ڏڪاري حالتون آهن مزدور طبقو سخت پريشان آهي ٻچن جو پيٽ پالڻ مشڪل بڻيل آهي ته مٿان وري سرڪار اٽو مهانگو ڪري غريبن ماڻهن مٿان بم ڪيرائي سنڌن کان جيئڻ جو حق کسي ڇڏيو آهي.ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو اٽو ڏيڍ سئو روپيه ڪلو ٿيڻ بعد پنهنجن ٻچن لاءِ ٻن ويلن جو صرف تي ڪلو اٽو خريد ڪري پيٽ پري ماني ڪارائي نٿو سگهي.غربت سبب ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن.غريب مزدور سڄو ڏينهن پورهيو ڪري گهر وڃڻ وقت انهي پريشاني ۾ هجي ٿو پنج سئو مان اٽو خريد ڪري يا چانه کنڊ خريد ڪري باقي بيمارٽيڻ تي دوا ٽڪي خريد ڪرڻ ته انهي غريب ماڻهو جي وس ۾ به نه رهيو آهي.ماڻهو بک ۽ بيماري وگهي مري رهيا آهن پر سرڪار کي ڪو رحم نٿو پوي وبتر اٽو مهانگو ڪري ماڻهن جي وات جو گرھ ڪسيو پيو وڃي.سنڌ جي گدامن ۾ ڪڻڪ سڙي رهي آهي پر هتي عوام اٽي لپ لاءِ پريشان آهي.فلور ملن کي به جيڪا ڪوٽا واري ڪڻڪ ڏني وڃي ٿي انهي جو به لاڀ عوام کي نٿو ملي فلور ملن وارا به ساڳي طرح مهانگو اٽو وڪرو ڪري رهيا آهن.يوٽليٽي اسٽورن تي اينڊ اٽي سميت ٻيون شيون من پسندن کي ۽ دڪاندارن کي وڪرو ڪيون وينديون آهن عوام وڃي ته ڪيڏانهن وڃي ٽر ۾ هيل ته ٻاجهر جو فصل به نه ٿيو آهي گذارو ٿئي.عام ماڻهو سخت پريشان ٿي ويو آهي ٽر ۾ اڳ ٿي ماڻهو بک ۽ بدحالي سبب خودڪشيون ڪري رهيا آهن مٿان اٽي جو آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ جهڙو اگهه ٿيڻ بعد ويتر صورتحال سنگين ٿي ويندي.هتي ته حڪومت توڙي انتظاميه نالي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي ڪنهن دڪان تي ريٽ لسٽ نه آهي نه وري چيڪ ڪئي وڃي ٿي دڪاندار پنهنجي مرضي جا ريٽ مقرر ڪري غريبن کي ڦري ۽ لٽي رهيا آهن. هنن گهر ڪئي ته ترت نوٽيس وٺي ٽرجي شهرن ۾ سستي اٽي جا اسٽال لڳائي يوٽليٽي اسٽور وارن سميت دڪاندارن کي ريٽ لسٽ لڳائڻ جو پابند ڪري غريبن پورهيتن جي پريشاني کي دور ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 02

ماڻهون گولين هٿي قتل ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا سيوهڻ جي پرارا محلا جي رهواسي نالي علي نواز پراڙو ولد الله بخش پراڙو عمر اٽڪل 24 سال نوجوان کي ٻانهن ۾ گولي لڳل لاش جهاز چونڪ پارڪ مان هٿ آيو لاش کي مقامي ماڻهن سيوهڻ شهر جي سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ ۾ پهچايو جتي لاش جي پوسٽ مارٽم ۽ ٻي ضروري ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ورثن حوالي ڪيو ويو. مقتول جي ورثن ٻڌايو ته علي نواز کي ڪو به دشمن نه هو، پوليس ڏوهارين کي گرفتار ڪري. سيوهڻ پوليس مقتول جي ورثن کان مهلت گهري جنهن تي پرارا برادري انڌس هاءِ وي روڊ تان لڳل احتجاج ختم ڪيو ۽ لاش کڻي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويا.

بقايا سنڌيار 03

سان دادو ضلعي سيف اسپيسز ۽ اينڊوڪ جا متاثر عورتون ۽ ٻارڙن ۾ سڪو، سيلڪ، ڪپڙا، ٽائلن ۽ لوشن، ڪوائل، صابن، ڪپڙا، ڪمبل، سينيٽري ڪٽس ۽ ٻيون شيون ورهايون. آرٽس فائونڊيشن جي متاثرن ماڻهن جي مدد ۽ انهن جي بحالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي پئي اچي. آرٽس فائونڊيشن انٽرنيشنل آرگنائيزيشن ۽ ٻين سان گڏجي پروگرام جي سهڪار سان هن وقت سنڌ جي ڪن ضلعن ميرپورخاص، سانگهڙ، شهدادڪوٽ ۽ دادو ۾ سيف اسپيسز جي ذريعي عورتن ۽ ٻارڙن کي مختلف سرگرميون ڪرائي رهيا آهن.

بقايا سنڌيار 04

گرفتار ڪري روانو ڪيو. ابتدائي جاچ موجب واقعو ٽريفڪ ڊرائيور جي غلطي سبب ٿيو آهي. معصوم تنوير ايس ايڇ او ... ڪيرمانين شهزاد علي ملڪ جو پالي معصوم ... جا دورا پون لڳا گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي.

بقايا سنڌيار 05

محرم ملاح جي فرياد تي سيشن ڪورٽ ٺٽو ۾ 22/ A جي پٽيشن پنهنجي وڪيل قادربخش جروار جي معرفت حملي آور 11 ڄڻن لالا شورو، سڪندر پٽي، لطيف، گلي، عدلو، اعجاز، نورو، سليمان، ٻشو قادر پٽي، اڪبر شورو خلاف داخل ڪرائي ڇڏي آهي. عدالت پٽيشن کي ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيندي 9 جنوري تي ايس ايڇ او ٺٽو سميت ٻين پوليس عملدارن کي جواب لاءِ طلب ڪري ورتو آهي، ٻئي طرف فرياد نوران ملاح جي پائيٽن غلام حيسن ملاح ۽ سومار ملاح پريس ڪلب مڪلي پهچي صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته 4 راتيون اڳ شورا ۽ پٽي برادري جي ڪيترن ئي هٿيارٻند ماڻهن اسانجي گهرن تي چڙهائي ڪري اسانجي ڪيترن ئي عورتن ۽ مردن کي زخمي ڪري ڇڏيو، جن ۾ غلام حسين، مسمات نوران سومار، ابراهيم . ايوب، محمد حسن، غلام نبي، عرس، عبدالڪريم، ياسين، سليمان، محمد الرحيم، مامون ۽ جمعون ملاح شامل اهن، پر ٺٽو پوليس توڙي بگهاڙ موري پوليس پوسٽ جي پوليس نه اسانجي زخمي ماڻهن جي علاج لاءِ ليٽر ٿي ڏي ۽ نه ئي اسانجو ڪيس داخل ڪري حملي آور جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪي اسانکي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن. جنهن ڪري مجبور ٿي مسمات نوران جي فرياد تي 11 حملي اور جوابدارن خلاف سيشن ڪورٽ ٺٽو ۾ پٽيشن داخل ڪرائي اهي، جنهن جي ٻڌڻي عدالت 9 جنوري تي مقرر ڪندي ايس ايڇ او ٺٽو ۽ ٻين پوليس عملدارن کي جواب لاءِ طلب ڪيو اهي، هنن چيو ته حملي آور جوابدار بااثر هجڻ سان گڏ موالي ۽ منشيات فروش اهن. جيڪي کلي عام منشيات وڪرو ڪري نوجوان نسل جون زندگيون تباهه ڪرڻ سميت شريف ماڻهن جو ۽ موالين جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو اهي. هنن گهر ڪئي ته سائن انصاف ڪري حملي اورن خلاف ڪيس داخل ڪري ڪين گرفتار ڪري سندن زخمي ماڻهن جو علاج ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 06

منتقل ڪري ٽرڪ کي ڊرائيور سميت تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. فوتي حيدرآباد جي هوسڙي واري علائقي جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

ويتر سخت پريشانين ۾ مبتلا ٿيڻ لڳو مقامي ڳوٺاڻن ميرمحمد رند، مختيار رند، ۽ ٻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ آهي ته اٽي جو اگهه وڌڻ ڪري عام مسڪين ماڻهو خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو جڏهن ته تنڊو غلام حيدر تعلقي جي مختلف شهرن موبا، ڏنڊو، نظرپور، شاهه واهه، ڊوڪيا شهرن ۾ ڪڻڪ جي اٽي جو سخت بحران پيدا ٿي ويو آهي. جڏهن ته سرڪار پاران سستو اٽو فراهم ڪرڻ واري ڪيل اعلان تي اڄ تائين ڪو به عمل درآمد نه ٿي سگهيو آهي تعلقي جي سمورن شهرن ۾ واپاري ڪڻڪ جي اٽو في ڪلو 130 کان 140 روپيين تائين وڪرو ڪري رهيا آهن. واپارين پاران ڪڻڪ جي اٽي جو ريٽ وڌائڻ ڪري چار سئو کان پنج سئو روپيا ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ پورهيتن ۽ مزدورن جو ويلن جي ماني ڪائڻ لاءِ پريشان آهن. جڏهن ته ضلعي انتظاميه طرفان سرڪار پاران مقرر ڪيل اگهه 65 روپيا في ڪلو تي اٽو ڏيڻ لاءِ اڃان تائين ڪو به قدم نه کنيو آهي. ... شهرن ۾ سستي اٽي جا اسٽال لڳائي غريب طبقي کي سرڪاري اگهه تي سستو اٽو فراهم ڪري غريب خاندانن کي بک مرڻ کان بچايو وڃي ... وڌايو ...

بقايا سنڌيار 08

اديب، تعليمدان، روزاني اخبار جي چيف ايڊيٽر ۽ اردو سنڌي اتحاد جي ... محمد ... سان گڏ ... محترم ... اردو ... انهن ... جوڪي ... ادبي ... مقرر ... امام ... تعليمدان ... جنرل ... ان کان ... سماجي ... ادبي ... ڪيو ويو. ... گل ... جاري ... سنگت جو ... سان ... لاءِ ... پنجابي، شاعر ۽ ... ڪندا. ... مختصر ... سنگت

جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ ۾ سيد نديم علي ۽ آصف حسين آغا شامل ڪيا ويا آهن. اديب دوستن کي گذارش ٿي ڪجي ته اردو سنڌي ادبي سنگت ۾ ميمبرشپ حاصل ڪرڻ لاءِ پروفيسر گل محمد سومرو يا مجيد رباني سان رابطو ڪن. اردو سنڌي ادبي سنگت جي ان گڏجاڻيءَ جي موقع تي ڊاڪٽر رئيس احمد صمداني گلناز محمود کي پنهنجو هڪ ڪتاب تحفي طور پيش ڪيو.

بقايا سنڌيار 09

طاهري پڻ ڪئي علماء ڪرام جماعت جي علماء حفاظ پيش امامن جي ميمبرشپ فارم کي بحال ڪرڻ لاءِ غور ويچار پڻ ڪيو ان موقعي تي تنظيم کي مضبوط بنائڻ لاءِ صلاح مشورا پڻ ڪيا جنهن ضلع جي نائب صدر مولانا سائين بخش ملڪ فناس سيڪريٽري صوفي غلام محمد ملڪ جنرل سيڪريٽري مولانا زين العابدي چاچڙ سينئر نائب صدر مولانا نور محمد ملڪ مختلف موضوعن تي ڳاله ٻوله ڪئي آخر ۾ ملڪ پاڪستان لاءِ دعا خير گهري لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 10

۽ 18 سالن جي نوجوان اسد لغاري دبجي فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته ٽن پورهيتن جي دبجي وڃڻ واري اطلاع تي سوين مقامي ماڻهون واقعي واري هنڌ پهچي ويا ڪوٽائي بعد دبجي ويلن جا لاش ڪڍيا ويا جن کي فوري طور تي تعلقہ اسپتال هالا پهچايو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران ٽنهي مزدورن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ويئي جنهن بعد ڳوٺ ۾ خوف حراس وارو ماحول چانجي ويو

بقايا سنڌيار 11

عبدالغفور هيجب جاڪرو جو ڏاهيجي جي علائقن شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪالوني بلال نگر ماڊل ٽائون يعقوب آباد محلہ غلام حسين چانڊيو ۽ ڏاهيجي مارڪيٽ جي مختلف علائقن جو دوري ڪري سفائي سٿرائي جي حوالي سان جائزو ورتو سفائي سٿرائي جي انچارج کي چند پٽيندي جلد کان جلد ڏاهيجي جي بهتر نموني سان سفائي ڪرائي وڃي انهي موقعي تي ايڊمنسٽريٽر گهارو عبدالغفور هيجب جاڪرو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته آئون گندگي جي خلاف آهيان گندگي جي ڪري ئي مختلف بيماريون جنم وٺن ٿيون ۽ چيو ته ڏاهيجي پهرين کان هاٽي ڪافي وڏو علائقو آهي جڏهن ته صفائي سٿرائي جي حوالي عملو گهٽ آهي ۽ علائقو ڪافي وڏو آهي جنهن ڪري ڪم مڪمل نٿو ٿي سگهي هن چيو ته ٻن ڏينهن اندر گهارو جو مڪمل عملو ڏاهيجي موڪلي ڏاهيجي جي سيني وارڊن پنهنجي نگرائي ۾ بهتر نموني سان صفائي سٿرائي جو ڪم مڪمل ڪرائيندس انهي موقعي تي علائقي سفائي جي نچارج خان محمد ۽ علائقي جا رهواسي غلام حسين چانڊيو سڪندر منگسي محرم خاصخيلي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 12

استحڪام ۽ لانگ ٽرم منصوبن سان گڏ شارٽ ٽرم منصوبن تي خاص توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي.رياست ۽ سياست کي جدا ڪرڻ سان ئي ملڪ جي بقا آهي قائد تحريڪ ڊاڪٽر محمد طاهرالقادري قوم ۾ بيداري مهم سان گڏ ملڪ کي درپيش مسئلن جو حل به پيش ڪيو آهي جيڪڏهن ان جي پيش ڪيل پروگرام تي عمل ڪيو وڃي ته ملڪ تمام مسئلن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو. اهڙن خيالن جو اظهار هن ديدار علي سومرو جي قيادت ۾ شهدادڪوٽ ضلعي جي تحريڪي ڪارڪن سان ملاقات دوران ڳالهائيندي ڪيو.ڊاڪٽر حسين محي الدين قادري چيو ته اڄ پاڪستان نه صرف معاشي طور سيني شعبن ۾ زوال جو شڪار آهي بلڪ قانون جي حڪمراني جي صورتحال هجي يا انساني بنيادي حقن جي ادائگي جو معاملو صورتحال انتهائي گهمبير آهي.جيترين به حڪومتون تبديل ٿين پر سسٽم ۾ تبديلي نه ٿي اچيءَ سسٽم اڄ به اهوئي آهي جنهن ۾ عام ماڻهو مسئلن جي چار ۾ ڦاٿل آهي.اليٽ طبقو ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو پيو وڃي هواڃي ڪاري جو مالڪ لڳو پيو آهي.تمام سهولتون ۽ قانون به صرف ان طبقي لاءِ آهي. منهاج القرآن انٽرنيشنل جي مرڪزي صدر پروفيسر ڊاڪٽر حسين محي الدين قادري وڌيڪ چيو ماضي ۾ جهاتي پائڻ سان اها ڳاله سامهون اينديءَ ته نو آبادياتي ماسٽر برطانيه به ماڊل انگليسو ۽ انسٽرڪٽو متعارف ڪرايا. انگليسو ۾ قانون تحت عمل ڪيو ويندو آهي اتي عام ماڻهن ۽ اليٽ ۾ فرق ناهي هوندو جڏهن ته ٻي ماڊل وارن ملڪن ۾ جاتي واٽي فرق رکيو ويو آهي پاڪستان جو به اهڙن ئي ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو آمريڪا سميت ڪيترن ملڪن ۾ سياست ۽ رياست کي جدا رکيو ويو آهي جنهن جي ڪري اتي ملڪ ۽ قوم جي فلاح و بهبود جا منصوبا تسلسل سان جاري رهندا آهن پرهتي ڪم ان جي ابتڙ آهي اهوئي سبب آهي جو ڪنهن به حڪومت جا منصوبا مڪمل نه ٿا ٿين. ڊاڪٽر حسين محي الدين قادري وڌيڪ چيو ته ورلڊ جسٽس پراجيڪٽ طرفان سروي بعد جاري ڪيل سروي موجب هڪ سؤ انٽيه هزار گهراڻن تي مشتمل سروي دوران اٺ پيراميٽرز اسٽينڊرڊز ۽ فيڪٽر جي جائزي ۾ پاڪستان جي قوم لاءِ لمحہ فڪر آهي ته 139 ملڪن مان تمام انسٽي ٽيوشنل اسٽينڊرڊز تي پورو لهڻ جي اعتبار کان 129 نمبر تي آهي.هن چيو ته گذريل 75سالن ۾ پاڪستان جا ادارا ڊولپ ٿي نه سگهيا آهن اقتدار ۽ ايوان ۾ چهرا بدلبا رهيا پرعوام اڄ به بنيادي سهولتن کان

محروم آهي.منهاج القرآن انٽرنيشنل جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر حسين محي الدين قادري چيو ته معاشي بحران سان نمٽڻ لاءِ لانگ ٽرم منصوبن سان گڏوگڏ شارٽ ٽرم پلان جوڙيا وڃن.بنا دير جي زراعت، آئي ٽي سافٽ ويئر ٽيڪنالاجي ۽ ڪاٽن جي صنعت تي توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي.هن تجويز ڏني ته معيشت کي مضبوط ڪرڻ ۽ تسلسل سان جاري رکڻ لاءِ فوري طور تمام اسٽيڪ هولڊرز تي مشتمل هڪ ڪائونسل قائم ڪئي وڃي.اها بنا رڪاوٽ جي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ.مائننگ.آئي ٽي سافٽ ويئر ٽيڪنالاجي.زراعت.نيشنل فوڊ سيڪورٽي ۽ انرجي سيڪٽر جي نگراني ڪريءَ ان شعبن ۾ پندرهن ويهن سالن لاءِ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وڃي ته پاڪستان نه صرف معاشي بحران مان نڪري سگهي ٿو بلڪہ انشاءالله جلد معاشي حوالي سان هڪ ترقي يافته ۽ خودمختيار ملڪ بڻجي اقوام عالم جي سامهون پڻ اچي سگهي ٿو.هن ڪارڪنن تي زور ڏنو ته قائد تحريڪ جو معيشت جي بهتري لاءِ ڏنل انقلابي پروگرام کي گهر گهر تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

بقايا سنڌيار 13

پوليس سان گڏ ڪئي وئي ان موقعي تي ايس ايڇ او منير جتوئي ٻڌايو ته ڪجهه وقت اڳ ذريعن کان معلوم ٿيو ته ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد ۾ رهندڙ نابين ذوالفقار علي ماهوٽو نالي شخص کي قتل ڪري ان جو لاش ڪٽي دفن ڪيو ويو جڏهن اسان مقتول جي جانچ ڪئي ته خبر پئي ان کي قتل ڪيو ويو ۽ ان جو اتان جي علائقي ۾ رهندڙ نواب عرف نواز ڪلهوڙو سان ڏيتي ليتي هئي جنهن تان هن ذوالفقار علي ماهوٽو کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ لاش کي پيتي ۾ وجهي پرواري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو آهي جنهن تي جوابدار جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي امير سعود مگسي جي هدايتن تي هڪ ٽيم جوڙي جنهن جوابدار نواب عرف نواز ڪلهوڙو ۽ سندس پاءِ مريد ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري ورتو جنهن ڪانپوءِ مقتول جي پائيٽي عصمت الله ماهوٽو جي فرياد تي ايئرپورٽ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته جوابدارن جي نشاندهي تي مقتول جي ڪپڙن جو بيگ ،موبائل فون ۽ روڪ رقم پنجاهه هزار روپيا برآمد ڪيا ويا جنهن ڪانپوءِ اڄ عدالتي حڪم تي جوڊيشل ميجسٽريٽ ۽ ڊاڪٽرن جي ٽيم سان گڏ حاجي نصير قبرستان مان مقتول جي قبر ڪشائي ڪئي پئي وڃي ۽ پوسٽ مارٽم ڪيو ويندو...

بقايا سنڌيار 14

ڪان پگهارون نه ملي رهيو آهن جنهن سبب سخت پريشان آهيون هنن چيو ته اسانکي ايڊمنسٽريٽر ۽ ٽائون آفيسر هر مهيني ڪوڙا ڏٺا ڏيندا آهن ته پگهارون ڏيون ٿا اڄ ٽيون مهينو آهي اسانکي نه پگهارون ٽيون ڏنيو وڃن نه ئي صفائي عملي کي ڪو سامان وٺي ڏنو ٿو وڃي هنن چيو ته اسان انتهائي غريب آهيون پگهارون نه ملڻ ڪري گهرجو سيڌهو سامان به نه وٺي ٿا سگهون ۽ بجلي جا بل پيڊ نه ڪرڻ سبب واپڊا وارن اسانجي گهرن جي بجلي به ڪٽي ڇڏي آهي جنهن سبب سخت پريشان آهيون هنن چيو ته جيسين تاين پگهارون نه ملنديون يان جائز مطالبا منظور نه ٿيندا تيسين تائين احتجاج جاري رهندو ٻئي پاسي صفائي عملي جي هڙتال سبب سڄو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو آهي.

بقايا سنڌيار 15

نڪري پئي ته هٿيارٻندن روڪي ورتو دروازي اندر واپس داخل ٿي جان بچائي ورتي آهي اطلاع تي پوليس پهتي ته هٿيارٻند پڇي ويا 3 جنوري تي دولتپور ۾ حاضري آهي سيڪيورٽي لاءِ ايس ايس پي آفيس وڃڻ نڪتس ته هٿيارٻند گهر جي در تي ويهي رهيا سنگين نتيجا ڀوڳڻ سميت جان سان مارڻ جو چتاءُ ڏيندا رهيا هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي مليل سيڪيورٽي واپس ورتي ومي آهي، بار بار دانهون پئي ڪيان ته ڌمڪيون ملن پيون پر سيڪيورٽي مهيا نه ٿي رهي آهي

بقايا سنڌيار 16

ڪولي پاٽي چڙهڻ واري اعلان ڪان اڳ ۾ ئي سنڌو درياهه ۾ پاٽي جي لاٽ شروع ٿي وئي آهي، جنهن سبب سکر ۽ روهڙي شهرن ۾ پيئڻ جي پاٽي جي ڪوٽ شروع ٿي وئي آهي، سکر بئراج جي انتظاميا پاران سکر، روهڙي سميت مختلف شهرن جي انتظاميا کي شهرين کي پيئڻ جو پاٽي فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ ليٽر پڻ لکيو ويو هو.جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو ته سکر بئراج ۽ ڪئنال جي صفائي وارو مرحلو 6 جنوري کان 25 جنوري تائين جاري رهندو پر تنهن باوجود انتظاميا شهرين کي پيئڻ جو پاٽي فراهم ڪرڻ لاءِ ڪي به اپاءُ ناهن ورتا ويا.

بقايا سنڌيار 17

جي قائم هن وسندي اندر ٿيندڙ رس رهاڻ ۾ سنڌ وسندڙ چانهيا برادري وڏي انگ شرڪت ڪئي ان سان گڏوگڏ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان لنگهي آيل سگهڙن توڙي مختلف مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي، سماجي اڳواڻ عبدالستار چانهيو جي فرزند شاهزيب چانهيو جو جنم ڏينهن جي خوشي حوالي سان سجايل مچ ڪچهري ۾ سندس اٺين سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو ثقافتي مچ ڪچهري اندر صوفيانا ڪلام، ڏور بيت، ڳجهارتن،ڏيٺ،شاعري توڙي راڳ جا شاهڪار نظارا ڏسڻ لاءِ مليا هتان جي سياسي سماجي مذهبي توڙي علمي ادبي ڌرين اندر پنهنجي سڃاڻپ رکندڙ چانهيا برادري پاران سجايل محفل ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي پارڪو عطا

محمد چانهيو محمد اسلم جسڪاڻي غلام مصطفيٰ چانهيو فنڪار محمد خان رند سگهڙ خليل احمد ڪوسو، شاعر منيراحمد پنهور غلام مصطفي چانهيو محمد آچار چانهيو شير محمد چانهيو قربان چانهيو دانش خاصخيلي نظير احمد هنگورو ممتاز سليو مرتضي سليو محبوب ترڪ صحافي ارشاد علي ڪاتيار سميت علائقي جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مچ ڪچهري دوران ڳڙ واري گرماگرم چانه جا دور هلندا رهيا گڏوگڏ آيل تمام شرڪاءَ لاءِ رات جي ماني ۽ ٻاهريان آيل فنڪارن توڙي مهمانن جي رهائش جو پڻ انتظام ٿيل هو.

بقايا سنڌيار 18

محمد عالم لاشاري، مير گل پندراڻي، مختيار بروهي، بگهڙ خاراني ۽ ٻين ليبر هال ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي ان موقعي تي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته رائيس ملز مالڪن پاران مزدورن جي اجرت نه پئي وڌائي وڃي جنهن ڪري مزدور طبقو تمام گهڻو پريشان آهي. هنن چيو ته هن مهانگائي جي دور ۾ مزدور سخت پريشان آهي جنهن ڪري مزدورن جي تڪليف ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي ويو آهي. هنن چيو ته سرڪار پاران مزدور جي اجرت گهٽ ۾ گهٽ 25000 آهي جنهن تي عمل ڪري مزدورن کي سرڪار پاران مقرر پگهار ڏني مزدور ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي. هوڏانهن رتيل گڏجاڻي ۾ ليبر ريجن لاڙڪاڻہ جي اسسٽنٽ ڊاريڪٽر ميڊيم نگينہ ميمڻ به شرڪت ڪئي جنهن مزدورن جي ميز کي خطاب ڪندي چيو ته رائيس ملز مالڪن پاران مزدورن کي اجرت وڌائي نه ٿي ڏني وڃي جنهن تي ملز مالڪن کي ليبر ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ ڪيس هلندڙ آهي جنهن تان مل مالڪن پاران خراب نتيجن جو ڌمڪيون ڏنيون پيو وڃن جنهن جي به سخت مذمت ڪيان ٿي.

بقايا سنڌيار 19

ته ڪجه سالن کان هي تڪرار زمين جي هارپي ۽ دنگ بندي تان شروع ٿيو هيٺر تائين 5 ماڻهون ٻنهي برادرين جا قتل ٿي چڪا آهن ياد رهي ته هن خوني جهيڙي سبب به معصوم ٻار به قتل ٿي ويا هيا اڄ پوليس نفري ڪاروائي لاءِ پهتل هئي ته هڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو اهڙي واقعي جي اطلاع ڪانپوءِ ڊي آئي جي شهيد بينظيرآباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز قيوم پتافي واقعو واري هنڌ پهتا لاش تحويل ۾ وٺي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقا اسپتال نيو ويو هي خوني قبائلي جهيڙي سبب علائقي واسين سخت پريشانين ڪي منهن ڏيڻ لڳا پي ايس ياڳوديرو ۽ پهري جي آپ پاس جا علائقا نوگو ايريا بڻيل ماڻهون گهرن تائين محدود بڻيل علائقي ۾ ڏهڪا واري صورتحال چانيل علائقي واسين جو چوڻ هيو ته جيڪڏنهن هن دفعي حڪومت پنهنجو رٽ نه ڏيکاريو ته هي علائقو رائونتي ۽ شڪار پور بڻجي ويندو

بقايا سنڌيار 20

ڪي پوليس ڪليئرنس ۽ ڪيرڪٽر سرٽيفڪيٽ، گر ٿيل دستاويز. رپورٽون ڏيڻ جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون. سڪيا ڏيندڙ ڊرائيونگ لائسنس، پرڏيهين جي رجسٽريشن ۽ ٻيا اهم دستاويز ۽ عوام جون شڪايتون درج ڪرايون وڃن نئين سال جي موقعي تي PFCجي گذريل سال جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي پئي وڃي. گذريل سال (2022) 6706 ماڻهن پوليس سهولت سينٽر جو دورو ڪيو جن مان 5042 مردن ۽ 1664 عورتن پي ايف سي سينٽر جو دورو ڪيو. جن مان 1007 کي پرڏيه وڃڻ لاءِ پوليس ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا. 2541 ماڻهن کي گهريلو نوڪرين ۽ ٻين مقصدن لاءِ ڪيڪٽر سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا. پرڏيهي مهمان جيڪي ڪم ويزا يا وزٽ ويزا تي آيا هئا ۽ ٻيا پرڏيهي شاگرد رجسٽرڊ ڪيا ويا. مجموعي طور 58 پرڏيهي رجسٽرڊ ڪيا ويا. 67 ڪرائيدار ۽ ملازم رجسٽرڊ ٿيا ۽ 1448 ماڻهن پنهنجا دستاويز غائب ڪيا. هلندڙ سال لرننگ ڊرائيونگ لائسنس حاصل ڪندڙن جو انگ 1470 هو ليگل ايڊوائيس ڊيسڪ تي 50 ماڻهن کي پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ قانوني صلاح ڏني وئي جڏهن ته پي ايف سي جي شڪايتي ڊيسڪ تي 65 شڪايتون داخل ڪيون ويون. بحالي انصاف ۾ 15 خاندانن جي عورتن ۽ ٻارن جا مسئلا غور سان ٻڌا ويا ۽ حل ڪيا ويا. 35 درخواستن تي ٻنهي ڌرين وچ ۾ اي ڊي آر ثالثي ذريعي درخواست ڏيندڙن جي مسئلن جو بهتر ۽ هاڪاري حل ڳوليو ويو. ۽ 15 شڪايتون ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي وڌيڪ ڪارروائي لاءِ اماٿيون ويون

بقايا سنڌيار 21

پاران نوٽيس وٺڻ بعد پ پ پارٽي جي ضلعي قيادت صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو رليف براءِ بحالي ضلعي صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو ايم پي اي بدين حاجي تاج محمد ملاح اڳوٽو ايم پي اي محمد نواز چانڊيو پهچي سائٽس ڳالهيون ڪري سائٽس شڪايت جي ازالي ڪرڻ جو يقين ڏيارپو تڏي تي هلي اچڻ تي ناراض عبدالطيف بروهي پنهنجي راج پاڳ سميت پارٽي ڇڏڻ جو فيصلو واپس ورتڻ بعد ۾ گڏ ٿيل برادري سميت ٻين برادرين جي ڪٺ کي خطاب ڪندي پ پ اڳواڻن چيو ته پ پ پارٽي جهموريت پسند پارٽي آهي جيڪا پنهنجي پارٽي اڳواڻن کي ڪٿين اڪيلو ڇڏيندي پارٽي عام ورڪر سان ڏيادتي برداشت نه ڪندي عبدالطيف بروهي ته ضلعي جو

ڪائونسلر آهي پ پ پارٽي جو چيرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ڪو چيرمين آصف علي خان زرداري ادي فريال ٽالپر بدين جي عوام کي سرسبز ۽ شاداب ڏسڻ چاهين ٿا انهي ڪري ايريگيشن ۾ وڏا پراجيڪٽ بدين کي ڏئي هتي جي تيلن کي آباد ڪرڻ لاءِ هن وقت بدين جي وڏي انگ ۾ شاخن ۽ واهن جي لائننگ ڪرائي هتانجون تيلون هڪ دفعو ٻيهر سرسبز شاد آباد ڏسڻ چاهين ٿا هنن چيو ته پ پ پارٽي ترقياتي ڪمن نوڪرين سميت هتي نُوس پاليسيون ڻاهي حڪمت عمليون جوڙي رهي آهي ته جئين بدين جو عوام خوشحال هجي انهي موقعي تي پ پ اڳواڻ رياض الدين ٻوهڙ ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو حاجي شير جمالي عبدالجبار عارفاڻي انجنئر محمد ابراهيم چانڊيو رئيس غلام حسين چانڊيو رئيس عبدالرحمان چانڊيو غلام حسين جمالي پڻ موقعي تي موجود هئا

بقايا سنڌيار 22

صدر غوث علي جهتيال، ناميياري صحافي گلڻ پنڊ، سينيئر صحافي ولي چانڊيو، شهزاد سومرو، سرور جلال سولنگي، لياقت علي ملڪ، ڪامران ڪورائي، واجد علي ملاح، محمد بخش ڪورائي، علي گوهر سومرو، راجا رفيق پنهور، ارباب رستماڻي، آزاد بلوچ، علي گل چنہ، ديدار شيخ،سخي سردار چارڻ، عزيز خاصخيلي، نثارسومرو، شيراز شيخ، شوڪت علي ملاح، بشير چانڊيو، منظور چانڊيو، رفيق چنہ عبدالقادر چنہ سميت پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن سماجي اڳواڻن ۽ شهرين شرڪت ڪئي، صحافي حبدار علي ٻبر کي سنڌ جون ثقافتي سوکڙيون تحفي طور ڏنيون ويون. ان موقعي تي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي آيل مهمانن کي کارايو ويو. سالگره تقريب ۾ آيل مهمانن ۽ صحافين خطاب ڪندي صحافي حبدار ٻبر جي ڪيل صحافتي خدمتن بابت ساراهيو ويو ته هن ٿوري عرصي ۾ هن قلم ذريعي غريبن ۽ دادو جي مختلف ٻرندڙ مسئلن کي ايوانن تائين پهچايو آهي ڪيس جس پيش ڪجي ٿو.

بقايا سنڌيار 23

جنهن ۾ بدنام ڏوهاري صدام عرف تڙو جاگيراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. سکر بي سيڪشن ٿاڻي جي حد بندر روڊ واري علائقي ۾ ڏوهارين سان مقابلي دوران علي محمد جاگيراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس پاران ٻڌايو ويو آهي ته ٻنهي مقابلن دوران سندن 2_2 سائي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا آهن. ٻنهي مبينا ڏوهارين کي سول اسپتال داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 24

احتجاج 3ڪلاڪ شهر جو مين روڊ بند ڪو به آفيسر لڙي نه آيو دڪاندار ايسوسيئيشن جي صدر خالد سيف الله چيو ته هتي ايس ايڇ ٺيڪي تي آيو آهي چئي ٿو ايس ايس پي چئي ٿو سٽي ٿاڻو 50 لک منٿلي کپي ڪجه به ٿئي مان جا ڪيان هاٽي ٻڌايو ته هي ٺيڪيدار جا انصاف ڏيندا فورن ٺيڪيداري سسٽم ختم ڪري رات لٽيلد ڪاندارن کي انصاف ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسين علي اڪبر چانڊيو چيو ته دڪاندار چور پڪڙي ڏين ٿا انهن کي به ڇڏيو وڃي وزير وڳڻ چيو ته هي ٺيڪيدار ايس ايس پي جيسيتائين هوندو ته نوشهرو فيروز جا شهري سک جي ننڊ نه ڪنداچو هي ٿاڻو ٺيڪي تي ڏنل آهي انهن ٺيڪدارن مان اسان ڪابہ انصاف جي اميد نه ٿا رکون ڦورن ٿيل ڏوهه واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ هاٽي ڏما ڏم مست قلندر ٿندي نيشنل هاءِ وي بند ڪبو ڪجه به ٿيو ان جا ذميوار ايس ايس پي ايس ايڇ او هوندا زاهد ڏنگراچ سڄڻ سولنگي يار محمد راڄپر ڏاڏو راڄپر ۽ ٻين چيو ته هڪ برسات ٻوڙيو پيو رهندو ڪهندو نا اهل ايس پي سمورا شهري دڪاندار هٽ وٺي ڦرائي رهيو آهي ڦورن اسان سان انصاف نه ٿيو ته هڙتال جو سڏ ڏينداسين ڪجه به ٿيو ذميوار ايس ايڇ او نوشهرو فيروز هوندو

بقايا سنڌيار 25

. جڏهن ته 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ رضا محمد حمائتي، جمال جوکيو ۽ عيدن جوکيو شامل آهن. فوتي جو لاش ۽ زخمي کي سول اسپال مڪلي منتقل ڪيو ويو. جتان فوتي جو لاش ضروري ڪاروائي بعد پوليس لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. فوتي کي پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس جنازي ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، شهرين، صحافين ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ٻئي طرف مڪلي پوليس ترڪ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي جاچ جي دائري کي وسيع ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 26

ٿاڻي جي وڏي منشي ٻڌايو ته فوتي نوجوان جي وارثن مان ڪير به نه آيو آهي. هن چيو ته اسان انڪوائري ڪنداسين ته نوجوان پاڻ بريڪ آئيل پي خودڪشي ڪئي آهي يا هن کي بريڪ آئيل پيارڻ ۾ ڪو ملوث ته ناهي. ٻي طرف فوتي نوجوان جي ڀاءُ همير ريباري رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي، نه ئي ڀاءُ بريڪ آئيل پيئڻ ڪان پوءِ ٻڌايو ته مون کي ڪنهن پياريو آهي. هن چيو ته وڃڻ واري شئي هئي سا وئي هلي هاڻي رب پاڪ تي ڇڏي ڏنو آهي.

بقايا سنڌيار 27

مختلف ٿاڻن جي پوليس اٿالن بلاجواز چڙهائي ڪري گهرن ۾ پيچ ڊاهه ڪري به گهر ميرخان جامڙو ۽ پناهه جامڙو جا گهر ڊاهي ڪري ڇڏيا آهن ۽ گهرن ۾ پيل سامان پڻ ڪٽي ويئي آهي ان

موقعي تي ميرخان جامڙو احتجاج ڪندي چيو ته ڪنب ۽ مختلف ٿاڻن جي پوليس ايس ايڇ او ڪنب جي اڳواڻي ۾ بلاجواز منهنجي گهر تي چڙهائي ڪري گهر کي بلڊوز ڪيو ۽ گهر ۾ پيل زيور روڪ رقم ڪٽي ويئي آهي ۽ چوپايو مال پڻ ڪاهي ويئي آهي هن چيو ته مان جي ڊي آءِ جو اڳواڻ آهيان ۽ پيرسائين پاڳاري جا مريد آهيون جنهن ڪري اسان کي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي هن چيو ته پلي جاچ ڪرائي وڃي جيڪڏهن ڏوهاري هجان ته سزا ڏني وڃي نه ته زندگي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ڳوٺاڻن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺي جاچ ڪري انصاف جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 28

ڊرائيور کي ڪيتري ئي عرصي کان ٽائيم اسڪيل ۽ ترقيون ناهن ڏنيون ويون. سنڌن مطالبا پورا نه ٿيڻ سبب مايوسي ۽ پريشاني واري زندگي گذاري رهيا آهن. ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن پر حڪمران سنڌن مطالبن کي تسليم نٿا ڪن. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌن جائز مطالبا پورا ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 29

ڏيئي ۽ ڪڍهرو شهرن ۾ ڪڻڪ جي اٽي جو سخت بحران پيدا ٿي ويو آهي، جڏهن ته سرڪار پاران سستو اٽو فراهم ڪرڻ واري اعلان تي ڪوبہ عمل نه ٿي سگهيو آهي. تعلقي جي سمورن شهرن ۾ واپاري ڪڻڪ جي اٽي جو في ڪلو 120 کان 140 روپين تائين وڪرو ڪري رهيا آهن. واپارين پاران ڪڻڪ جي اٽي جو ريٽ وڌائڻ ڪري چار سئو کان پنج سئو روپيا ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ پورهيتن ۽ مزدورن ٻن ويلن جي ماني کائڻ لاءِ پريشان آهن. جڏهن ته ضلعي انتظاميا طرفان سرڪار پاران مقرر ڪيل اگهه 65 روپيا في ڪلو تي اٽو ڏيڻ لاءِ اڃان تائين ڪو به قدم نه کنيو آهي. جنهن ڪري تعلقي جي ڪنهن به شهر ۾ فوڊ کاتي بدين پاران ڪو به سستي اٽي جو اسٽال نه لڳايو ويو آهي.هتان جي شهرين ۽ ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ الطاف ملاح. امير بخش ڪلهوڙو. اياز شاهه پنهنجي اخبار سان ڳالهائيندي چيو ته چار سئو کان پنج سئو روپيا ڏهاڙي ڪمايون ٿا. هڪ ويلي تي به ڪان اڍائي ڪلو ڪڻڪ جو اٽو کپي ٿو جنهن جي قيمت اڍائي سئو کان وڌيڪ ٿئي ٿي اسين مزدور ماڻهو هڪ وقت جي ماني کائي ٻيو ويلو لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور آهيون. هنن ڊپٽي ڪمشنر بدين. فوڊ کاتي بدين جي ڊي ايف او کان گهر ڪئي آهي ته تنڊوباگو شهر سميت تعلقي جي سمورن شهرن ۾ سستي اٽي جا اسٽال لڳائي غريب طبقي کي سرڪاري اگهه تي سستو اٽو فراهم ڪري سندن خاندانن کي بک مرڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 30

خلاف ايس يو پي يوسي لاڪا جي سڏ تي سوين ڪارڪنن شهرين مڪمل شٽربند هڙتال ڪرائي مين چوڪ تي ڌرڻو هڻي ايس ايڇ او مانجهند خلاف چتي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي تعلقہ صدر علي نواز ڪنير محمد عمر ابڙو علي اصغر ميمڻ گلزار ڪوسو جسقم جي عبدالغفور ڪاچي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوت لاڪا ۾ روزانو چورين جي آزار سبب رهواسي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن چور بنا خوف شهرين جو مال لٽي رهيا آهن هڪ مهيني ۾ چورين جون ڏهه وارداتون پيش آيون آهن جڏهن ت منشيات فروش سرعام. چرس شراب نشي آور سوپاريون وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن سبب نوجوان نسل سماجي برائن طرف وڌي ڏوهه ڪري رهيو آهي پر مانجهند پوليس سياسي بااثرن جي ونگار وهندي اڪين تي پٽيون ٻڌي ڇڏيون آهن ڏوهارين ذريعي شريف شهرين جون چوريون ڪرائي زبردستي سياسي وفاداريون تبديل ڪيون پيون وڃن هنن آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ت نااهل انتظاميا کي هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 31

چانڊيو. ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳوٺ شاهنواز شر جي ڳوٺاڻن ۽ شاهنواز شر ڳوٺ ڪاميٽي جي چيئرمين فياض احمد سومرو. جنرل سيڪريٽري حاڪم چنو. وائيس چيئرمين شاهجهان مارفاڻي. اشفاق ناريجو.نويد احمد ڀٽو. علي ڏنل ٽانوري. پناهه ٻرڙو.شاهد نوناري. منير احمد سنجراڻي.رجب سولنگي. الطاف مارفاڻي. عبدالرسول چانڊيو ۽ منان چانڊيو آيل مهمانن کي اجرڪون ۽ گلن جا هار پرايا ويا آيل مهمانن تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي غريبن جي پارٽي آهي پاڪستان پيپلزپارٽي هميشا ڪراچي جي سنڌي وسندي علائقن ۾ قائم سنڌي آبادين کي پڪو ڪري انهن کي ليزڏئي بنيادي مسئلا حل ڪيا ويا آهن اڄ ڪراچي ۾ سنڌي ماڻهن جي آبادي جو راز پاڪستان پيپلزپارٽي آهي اڳواڻن چيو ته اسان شاهنواز شر ڳوٺ جي عوام جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جن اسان کي ايتري عزت ۽ مان ڏنو اڳواڻن چيو ته ايندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ شاهه نواز شر ڳوٺ مان پاڪستان پيپلزپارٽي ليڊ سان ڪامياب ٿيندي

بقايا سنڌيار 32

علي رضا خاصخيلي ڪيو ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي سرفراز ميمڻ چيو ت هن م انساني ۽ قومي خدمت واري سياست تي پابندي مڙهي ڊاڊ جي زور سنڌ جو استحصال ڪيو ويو آهي قومي ڪارڪنن سياسي نظرياتي پختگتي لاءِ ههڙا پروگرام ڪرائڻ وقت جي ضرورت آهي جسقم سنڌ جي قومي عوامي نمائنده جماعت

آهي جيڪا وفاق جي جبري الحاق کي رد ڪرڻ جي گهر ڪري ٿي ليڪچرڪار رياست ۽ مظلوم قومون `عنوان هيٺ خطاب ڪندي چيوت رياستون فلاحي ادارا هونديون آهن پر هي رياست سنڌين سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ رکيو پئي اچي ۽ قومن جي خاص ڪري سنڌي قوم جي حق تلفي ڪندي رهي آهي ملڪ جي معاشي صورتحال مان ظاهر ٿئي ٿو هنن کي پنهنجا پيٽ وڌيڪ عزيز آهن رياست پاران 47 کان پوءِ لاقانونيت اقربا پروري ۽ ڏاڍو سو گابي وارو نظام رائج ڪيو جيڪو ڪرپشن استحصال ڪرڻ تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي جنهن جي نتيجي م بنگال پنهنجي جان ڇڏائي آزاد ٿي ويو پر اها ساڳي روش سنڌين ۽ بلوچن سان جاري آهي سنڌ جا معدني وسيلا سنڌي جي وس ۽ اختيار م ن آهن سنڌ جي شهرن ۽ ٻهراڙي م ڌارين کي آباد ڪري سنڌين کي اقليت م تبديل ڪيو پيو وڃي جنهن سان سنڌ جي ڊيموگرافي تبديل ٿيڻ ڏانهن پئي وڃي هن ملڪ کي 26 ارب ڊالر گهربل آهن ٻئي صورت م هي ڊفالٽ هليو ويندو هاڻي سمورا ادارا هنن جي ناقص پاليسين سبب ختم ٿي چڪا آهن ۽ سڄي دنيا جي خيرات جي آسري تي پاڙي رهي آهي سنڌ مظلوم آهي جنهن جي سياسي ڪارڪنن جي جبري گمشدگي ڪئي پئي وڃي سنڌين جي جان ۽ مال حفاظت م ناهي جيڪا رياست جي ذميواري آهي اها پنهنجي ذميواري جي ابتڙ هلي رهي آهي سياست رياست جي اسٽدي جو نالو آهي سنڌ تي رياستي ظلم ڏاڍ جبر جاري آهي انڪري اسين سنڌي قوم انجو حاصل فڪر جي ايم سيد م ئي سمجهون ٿا چاڪاڻ فڪر جي ايم سيد هر مظلوم ۽ محڪومن جي نجات جو حل ۽ ذريعو آه پ پ ناسور آهي سامراج جي ايجنٽ سنڌين خلاف سازش م رڌل آهي ڌارين قانونين حق ڏيڻ م رڌل آهي پ پ جو ڪردار مير جعفر ۽ چنيسر وارو آهي تاريخ اهڙن سنڌ دشمنن کي ڪڏهن ب معاف ن ڪندي تقريب کي بادل بروهي سڪندر انڙ منير ابڙو نادر پنگوار فراز عباسي ڊاڪٽر الهرکيو ڪلهوڙو عاشق سنڌي ۽ ڪاشف لاڪو سيد جي زندگي تي روشني وجهي پيتا پيش ڪئي سرڪش سنڌي ساگر سنڌي گوهر سنڌي قومي گيت چئي محفل کي گرمائي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 33

عهديدارن کي مبارڪون,رپورٽ موجب:اڳوڻي ايم پي اي ۽ پ پ شڪارپور ضلعي جي اڳواڻ ذوالفقار علي ڪماريو چيو آهي ته پيپلزپارٽي هميشہ ميڊيا جي آزادي ۽ حقن جي ڳالهه ڪئي آهي,هن اهڙن خيالن جو اظهار شڪارپور پريس ڪلب جي چونڊيل نون عهديدارن کي مبارڪون ڏيڻ بعد ڳالهائيندي ڪيو,سندس چوڻ هو ته شڪارپور جي صحافين امن,امان,سياسي ۽ ٻين اشوز تي سدايين بهترين رپورٽنگ ڪئي آهي ۽ نون چونڊيل عهديدارن منجهان نيڪ خواهشون رکي سگهجن ٿيون,هن چيو ته پيپلزپارٽي اندر کي به اختلاف ناهن ۽ شڪارپور ضلعي جا سڀ دوست پاڻ ۾ گڏ آهيون,هن چيو ته ضلعي اندر امن جي صورتحال خراب ٿي چڪي اهي جنهن بابت ايس ايس پي سان ڳالهايو آهي ٿاڻن تي سٺا ايس ايڇ اوز مقرر ڪري عوام کي تحفظ ڏياريو وڃي,هن وڌيڪ چيو ته ايندڙ عام چونڊن ۾ سڄي ملڪ اندر پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو,هوڏانهن پ پ اڳواڻ ناظم الدين ڏهر,پاپوليشن آفيسر نظير شاهه مشواڻي,هدايت الله مهر,سڪندر ڪيهر ۽ سيد عرفان شاهه سميت مختلف سياسي,سماجي ۽ صحافي برادري طرفان پريس ڪلب جي چونڊيل صدر رحيم بخش جمالي,جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي ۽ ٻين عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون,ان موقعي تي سينيئر صحافي رحمت الله سومرو,سلطان رند,ديدار سومرو,طارق پٺاڻ,ذوالفقار مگسي,آغا عبدالنبي دراني,جبران مرتضي ابڙو,ابراهيم بروهي,عارف قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 34

عوامي ڀلائي جا ڪم پڻ نيڪي جو ڪم آهي ڏکايل انسايت جي خدمت لاءِ وس وارن ماڻهن ۽ ادارن کي گهرجي ته پنٺتي پيل علائقن جي ماڻهن کي صحت جون سهولتون پهچائڻ لاءِ مفت طبي ڪئمپون لڳائين تہ جئين غريب ماڻهن کي بهتر صحت جون سهولتون سندن درن تي پهچائي سگهجن هن وڌيڪ چيو ته اکين جي علاج ۽ طبي ڪئمپ لڳائڻ هڪ بهترين عمل آهي اهڙين ڪئمپن لڳائڻ سان ٻهراڙي جي ماڻهن کي ريليف ملندو ڇاڪاڻ ته مختلف سببن جي ڪري عام ماڻهو جي ماهر ڊاڪٽرن تائين پهچ نہ هوندي آهي انهي لاءِ اهڙيون طبي ڪئمپون بهترين ذريعو آهن ان موقعي تي ڪئمپ جي آرگنائيزر ميرمحمد سيال ڊپٽي ڪمشنر کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته علائقي جي غريب ماڻهن کي هڪ روزه مفت طبي ڪيمپ ذريعي دل.نڪ.ڪن ،گلي، عورتن ۽ ٻارن جا ماهر ڊاڪٽرن پاران پڻ مفت طبي مشورا ۽ دوائون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته ٻن ڏينهن واري اکين جي ڪيمپ سياٽي کان شروع ٿيندي جيڪا 4 جنوري تائين جاري رهندي جنهن ۾ اکين جا ماهر سرجن ڊاڪٽر مفت اکين جو آپريشن بغير ٽاڪي وارو فيڪو ذريعي ڪندا. ان موقعي تي وائيس چانسلر پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر گلشن ميمڻ، ٽيليسيميان ڪئير سينٽر جو جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنا ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا.